# دين جي فرض جو

# جامع تصور

ديني فڪر جي متعلق ڊاڪٽر اسرار احمد ؒ جي مشهور ڪتاب ”فرائض دینی کا جامع تصور“ جو سنڌي ترجمو


## ڊاڪٽر اسرار احمد ؒ

مترجم: ڊاڪٽر ظهير الدين ابڙو



## انجمن خدام القرآن

سنڌ ڪراچي رجسٽرڊ

# دِين جي فرض جو جامع تصور

ديني فڪر جي متعلق ڊاڪٽر اسرار احمد رحمة الله عليه جي مشهور
ڪتاب "فرائض دینی کا جامع تصور" جو سنڌي ترجمو

## ڊاڪٽر اسرار احمد رحمة الله عليه

مترجم: ڊاڪٽر ظهير الدين ابڙو


انجمن خدام القرآن
سنڌ ڪراچي رجسٽرڊ

هن ڪتاب کي ڇپرائڻ ۽ شايع ڪرڻ جي هر ڪنهن کي عام اجازت آهي.

دين جي فرض جو جامع تصور


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو | دين جي فرض جو جامع تصور |
| مؤلف | ڊاڪٽر اسرار احمد رحمه الله |
| ترجمو | ڊاڪٽر ظهير الدين ابڙو |
| ناشر | مطبوعات، انجمن خدام القرآن سنڌ، ڪراچي |
| فون | +92-2134993436-7 |
| اي ميل | publications@quranacademy.com |
| ويب سائٽ | www.QuranAcademy.edu.pk |
| پهريون ڇاپو | ذو الحج 1445 هجري، جولائي 2024 |
| تعداد | 1000 |
| قيمت | 180/= |


## سڄي ملڪ ۾ قرآن اڪيڊميز جا مختلف مرڪز


**Karachi:**
Quran Academy Defence
021-35340022-4 - 0331-5340022
Quran Academy Yaseenabad
021-36337361 - 36806561
Quran Academy Korangi
021-35074664 - 35078600
Quran Institute Gulistan-e-Johar
021-34030119 - 34161094
**Hyderabad:**
Quran Academy Qasimabad - 022-3407694
Quran Institute Latifabad - 022-2106187
**Sukkur:**
Quran Markaz Sukkur - 071-5807281
**Quetta:**
Quran Academy Quetta
081-2842969 - 0346-8300216
**Jhang:**
Quran Academy Jhang 047-7630861 - 7630863
**Faisalabad:**
Quran Academy Faisalabad - 041-2437618

**Lahore:**
Quran Academy Lahore - 042-35869501-3
**Darulislam**
markaz Tanzeem Islami - 042-35473375-78
**Multan:**
Quran Academy Multan
061-6520451 - 0321-6313031
**Islamabad:**
Quran Academy Islamabad
0333-5202722 - 051-5191919
**Gujranwala:**
Quran Markaz Gujranwala
055-3891695 - 0533-600937
**Peshawar:**
Quran Markaz Peshawar
091-2262902 - 0333-9183623
**Malakand:**
Quran Markaz Temargara
0343-0912306
**Azad Kashmir:**
Quran Markaz Muzaffarabad
0582-2447221 - 0300-7879787

# ترتيب


☆ تمهيد........................................................ 5

❁ انساني عمل جا ٻہ مُحرڪ.............................. 5

❁ منهنجو دين جي فرض جو تصور..................... 8

☆ دين جا فرض ۽ انهن جي لاءِ لازمي ضرورتون ............. 8

❁ پهريون فرض : دين تي ڪاربند ٿيڻ................. 9

❁ ٻيو فرض : دين کي ٻين تائين پهچائڻ ............. 17

❁ ٽيون فرض : دين کي قائم ڪرڻ..................... 23

☆ دين جي فرض جون ٽي لازمي ضرورتون.................. 34

❁ پهرين لازمي ضرورت : جهاد ......................... 34

❁ ٻي لازمي ضرورت : التزامِ جماعت .................... 42

❁ ٽين لازمي ضرورت : بيعت............................ 44


# ضميمو


☆ دينِ اسلام جو جامع تصور.............................. 51

❁ اسلام ڇا آهي؟ دين يا مذهب؟ ....................... 52

❁ اسلام ڪيئن ”مذهب“ ٿهي ويو؟ ..................... 60

❁ اسان جي لاءِ ڪرڻ جو اصل ڪم........................ 67

# دين جي فرض جو جامع (مڪمل) تصور

الحمد للّٰه وكفٰى والصلوٰة والسلام على عباده الذين اصطفٰى' اما بعد

فقال اللّٰه تبارك وتعالى كما ورد فی سورة آل عمران[3]:

اعوذ باللّٰه من الشيطٰن الرجيم ۔ بسم اللّٰه الرحمٰن الرحيم

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا

وَاَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ (آيت 102)

وقال اللّٰه عزوجل فی سورة الذّٰرِيٰت[51]:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ (آيت 56)

وقال اللّٰه تبارك وسبحانه فی سورة البقرة[2]:

وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى

النَّاسِ وَيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا (آيت 143)

وقال اللّٰه عزوجل فی سورة الشورىٰ[42]:

شَرَعَ لَكُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوْحًا وَّالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ

اِلَيْكَ وَمَا وَصَّيْنَا بِهٖٓ اِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى وَعِيْسٰٓى اَنْ اَقِيْمُوا

الدِّيْنَ وَلَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ (آيت 13) صدق اللّٰه العظيم

رَبِّ اشْرَحْ لِيْ صَدْرِيْ(25) وَيَسِّرْ لِيْٓ اَمْرِيْ(26)
وَاحْلُلْ عُقْدَةً مِّنْ لِّسَانِيْ(27) يَفْقَهُوْا قَوْلِيْ(28) (طٰهٰ[20])

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

## تمهيد

سڀ کان پهرين مناسب آهي تہ هن موضوع يعني ”دين جي فرض جو جامع تصور“ جي اهميت کي سمجهيو وڃي. ڏسو، جيڪڏهن هڪ ماڻهوءَ کي ملازم رکيو وڃي ۽ ان کي ٻڌايو وڃي تہ ان جون کهڙيون کهڙيون ذميداريون ۽ فرض آهن، مثال طور هي ڏهہ (10) ڪم يا فرض (Duties) آهن جيڪي ڪيس پورا ڪرڻا آهن. پوءِ جيڪڏهن اهو ماڻهو اُنهن ڏهن ذميدارين مان چار ذميدارين (فرضن) کي وساري ڇڏي ۽ ان کي صرف ڇهہ (6) ڪم ئي ياد رهن تہ پوءِ باوجود جو هُو پوري اخلاص ۽ ممڪن حد تائين محنت سان انهن ڇهن ڪمن کي پورو ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري ۽ ڪامياب بہ ٿي وڃي، پر جيڪي چار ڪم هن کي ياد ئي نہ رهيا تہ ظاهر آهي تہ هو انهن کي پورو نہ ڪري سگهندو، ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اُهي چار فرض ئي اهم ترين فرض هجن. انهيءَ ڪري ان شاء الله منهنجي ڪوشش هوندي تہ دين جي فرضن جو هڪ جامع تصور توهان جي سامهون رکان.

## انساني عمل جا ٻہ مُحرڪ (Motivating Factors):

انسان جي عمل ۾ ٻہ الڳ الڳ شيون مُحرڪ[1] جو ڪم ڏين ٿيون هڪ ”نيت ۽ ارادو“ ۽ ٻيو ”فرض جو صحيح شعور ۽ تصور“. اسان الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ کي اُن جي توحيد جي اقرار سان ۽ شرڪ جي انڪار سان مڃيو آهي. پاڻ ڪريم ﷺ تي اسان جو ايمان آهي تہ پاڻ ﷺ جن الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جا رسول آهن. ان کان علاوه ”بعث بعد الموت“[2] ۽ ”اُخروي محاسبي“[3] تي بہ اسان جو ڪامل يقين آهي. انهيءَ ايمان و تسليم ۽

(1) حرڪت ڏيندڙ، جذبو اُڀاريندڙ
(2) موت کان پوءِ ٻيهر زنده ٿيڻ
(3) آخرت جي حساب ڪتاب

ايقان و تصديق جو لازمي ۽ منتقي تقاضا هي ٿيندو تہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی ۽ ان جي رسول ﷺ جو جيڪو بہ حڪم ملي اهو دل و جان سان اکين تي رکون. ان جي وڏي اهميت آهي، ان ڪري جو جيڪڏهن هر حڪم جي اڳيان سرتسليم خم ڪرڻ جي نيت ۽ ارادو ئي نہ هوندو تہ اڳيان قدم وڌڻ جو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿيندو. جڻ تہ انسان جي عملن ۾ ”ارادي“ کي بنيادي حيثيت حاصل آهي.

توهان کي شايد خبر هوندي تہ انهيءِ لفظ ”ارادي“ جو اسم فاعل ”مُريد“ نهندو آهي. اسان وٽ تزڪيہ نفس جو جيڪو هڪ سلسلو گهڻي عرصي کان هلندو پيو اچي، ان جي شروعات ئي هن لفظ ”مُريد“ سان ٿيندي آهي. ”مُريد“ مان مراد اهو ماڻهو آهي جيڪو اُن ڳالهہ جو ارادو ڪري تہ هو دين تي هلندو. ان مقصد لاءِ هو ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ سان پنهنجو تعلق جوڙي ٿو جنهن تي هن کي پروسو هجي تہ هو مخلص آهي، ڪو دڪاندار ناهي. وڌيڪ اهو اطمينان بہ هجيس تہ هو دين جو ڄاڻو آهي، شريعت جو پابند ۽ پرهيزگار آهي ۽ ان جي صحبت ۾ ان کي دين تي هلڻ ۾ سهارو ملندو. ارادو تہ هن جو پنهنجو هوندو آهي پر ان لاءِ تقويت جي بہ ضرورت هوندي آهي. پوءِ ان مقصد لاءِ هو ڪنهن مُتقي ۽ ديندار عالم کي پنهنجو مرشد مڃِي، پنهنجو هٿ ان جي هٿ ۾ ڏئي ٿو يعني بيعت ڪري ٿو تہ هو پنهنجي مرشد جي هدايت تي عمل ڪندو ۽ دين تي هلندو.

هن تشريح مان معلوم ٿيو تہ ”مُريد“ اهو ماڻهو آهي جيڪو دين تي پوري طرح هلڻ جي ارادي سان ڪنهن صاحبِ حال سان جڙي وڃي. ۽ جنهن سان جڙيو وڃي اُن کي مُزَّڪي (تزڪيو ڪندڙ)، مُربّي (تربيت ڪندڙ) ۽ مُرشد سڏيو ويندو آهي. جنهن لاءِ في الوقت اسان وٽ عام طرح تي لفظ ”پِير“ استعمال ٿيندو آهي. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ اسان پنهنجين بي عملين ۽ ڪوتاهين جي ڪري جتي دين جي گهڻين ئي ڳالهين ۽ گهڻن ئي ڪمن کي بدنام ڪري ڇڏيو آهي اُتي پيري مريدي

جي سلسلي کي بہ تمام گھڻو بدنام ڪيو آهي. هاڻي تہ واقعي ئي هي سلسلو اسان جي معاشري ۾ خالص دڪانداري ۽ فقط رسمي ٿي ويو آهي. اِلَّا مَا شَآءَ اللہ!

هن گفتگو جو نچوڙ هي نڪتو تہ سڀ کان پهرين ضروري آهي پنهنجو "ارادو"، پر اوترو ئي ضروري هي بہ آهي تہ "صحيح تصور" بہ ذهن ۾ موجود هجي تہ دين جا حقيقي فرض ڪهڙا آهن! جيڪڏهن فرضن جو تصور محدود يا اڻپورو هوندو تہ جن شين جي ڪيس ڄاڻ آهي انهن تي تہ عمل ڪندو، پر جيڪي شيون هن کي معلوم ئي ڪونہ آهن، انهن تي هو ارادي جي باوجود بہ عمل نہ ڪري سگهندو. انهيءَ ڪري آئون اڄ جي هن گڏجاڻيءَ ۾ هن ٻي ڳالھ جي وضاحت ڪرڻ چاهيان ٿو تہ اسان جي ديني فرضن جو صحيح ۽ جامع تصور ڇا آهي؟ تہ جيئن پوري دين جو مڪمل نقشو اسان جي سامهون موجود هجي ۽ اسين صحيح معنىٰ ۾ پنهنجو جائزو وٺي سگهون تہ اسان دين جي ڪيتري حصي تي عمل ڪري رهيا آهيون ۽ ڪيترين شين تي عمل ڪونہ پيا ڪريون! ۽ ڪٿي ائين تہ ڪونهي تہ اسان جن شين تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي، متان اُهي ئي شيون دين جي لحاظ کان اهم ترين هجن. ڪٿي ائين تہ نہ آهي تہ اسين صرف ڇلڪو ڪٽيو وينا آهيون ۽ اُن جي اندر مغز آهي ئي ڪونہ! توهان شايد هي لطيفو ٻڌو هجي تہ جڏهن شروع شروع ۾ چانھ يورپ وئي هئي تہ اُتي جا ماڻهو ڇا ڪندا هئا جو چانھ جي پتي کي پاڻيءَ ۾ ٽهڪائي پوءِ پاڻي هاري ڇڏيندا هئا ۽ پتي کائيندا هئا. ڪٿي اسان جو حال بہ ائين ئي تہ ڪونهي تہ اسان کان بہ دين جون اصل ذميداريون ۽ دين جا اصل ڪم نظر انداز ٿي رهيا هجن يا ائين چئجي تہ اسان جي اکين اڳيان آهن ئي ڪونہ ۽ اسين هن غلط فهمي ۾ هجون تہ اسين وڏا ديندار آهيون ۽ پوري دين تي عمل ڪري رهيا آهيون! هن غلط فهمي جو اِزالو اِئين ئي ٿي سگهي ٿو تہ

اسان جي سامهون دين جو پورو خاڪو ۽ دين جي فرض جو جامع (يعني مڪمل ۽ پورو) تصور موجود هجي.

## منهنجو دين جي فرض جو تصور:

قرآن ڪريم ۽ سنت رسول ﷺ جي محدود ۽ معروضي (objectively) مطالعي سان هن بابت مون کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي فضل ۽ ڪرم سان جيڪو فهم حاصل ٿيو آهي ۽ جنهن تي آئون پنهنجي قابليت مطابق ۽ جيترو بہ ممڪن آهي عمل ڪري رهيو آهيان، اهو ئي توهان جي سامهون بيان ڪريان ٿو. هيءَ ڪا دعوىٰ ناهي، ڪا وڌائي ۽ مبالغہ آرائي ناهي، هي صرف حقيقت جو اظهار آهي. ٿي سگهي ٿو تہ منهنجي مطالعي ۽ فهم ۾ ڪا ڪمي، نقص ۽ گهٽتائي هجي، ڪا ڳالهہ اڄ منهنجي علم ۾ نہ هجي سياڻ اچي وڃي. جڏهن بہ اها علم ۾ اچي ويندي تہ ان شاء الله العزيز ان کي بہ بيان ڪري ڇڏيندس. پر اڄ جي تاريخ تائين قرآن حڪيم، سنت و سيرت نبي ﷺ ۽ سيرت صحابہ رضي الله عنهم جي مطالعي سان ۽ هن اُمت جي پوري تاريخ تي هڪ نظر وجهڻ کان پوءِ ديني فرض جو جيڪو جامع تصور منهنجي سامهون آيو آهي، ان کي آئون توهان جي سامهون رکان ٿو.

## دين جا فرض ۽ انهن جي لاءِ لازمي ضرورتون:

هن ضمن ۾ ٽي ڳالهيون (يعني فرض) تہ بنيادي ۽ اساسي آهن ۽ ٽي انهن جي لاءِ لازمي ضرورتون آهن. هي ڪل ڇهہ ڳالهيون ٿيون. آئون چاهيان ٿو تہ پهرين هنن ٽن بنيادي ۽ اساسي ڳالهين جي باري ۾ ڏکين ۽ ڳرين اصطلاحن کي ڇڏي عام زبان ۾ توهان جي سامهون بيان ڪريان. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اصطلاحن جي وڏي اهميت هوندي آهي ۽ هر علم ۽ فن جو اصل ۽ حقيقي فهم انهن ئي اصطلاحن جي حوالي سان حاصل ٿيندو آهي. توهان فزڪس کي تيسيتائين نٿا سمجهي سگهو جيسيتائين ان جون بنيادي اصطلاحون (Basic Terminologies) توهان جي

گِرفت ۾ نہ اچن. اهڙيءَ طرح اسان جي دين جون بہ اصطلاحون آهن. جن جو سمجهڻ ضروري آهي. پر آئون چاهيان ٿو تہ انهن اصطلاحن کان پهرين اصولي طرح سان ڳالهہ کي سمجهجي.

انهن ٽنهي بنيادي ۽ اساسي ڳالهين ۾ سڀ کان پهرين ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسان پاڻ دين تي عمل ڪرڻ وارا ٿيون ۽ ان تي ڪاربند ٿيون. ٻي ڳالهہ هيءَ تہ اسين دين کي ڦهلائِيون. ۽ ٽين ڳالهہ هيءَ تہ اسين دين کي قائم ڪريون. هي آهن ٽي بنيادي ۽ اساسي ڳالهيون. هاڻ انهن ٽنهي کي الڳ الڳ سمجهون ٿا.

## پهريون فرض: دين تي ڪاربند ٿيڻ:

هاڻ پهرين ڳالهہ جي لاءِ ديني اصطلاحن کي نوٽ ڪريو. ٿوري فرق سان هن فرض جي لاءِ چار اصطلاحون آهن:

| عبادت | تقويٰ | اطاعت | اسلام |
|---|---|---|---|

1) **اسلام:** سڀ کان پهرين اصطلاح خود ”اسلام“ آهي. اسلام جي معنىٰ آهي ”ڪنڌ جهڪائڻ يا نمائڻ“ . انگريزيءَ ۾ ان جي تعبير هيئن ٿيندي تہ: To Give Up Resistance ۽ To Surrender. مطلب اهو ٿيو تہ گردن جهڪايو، ڪنڌ نمائيو ۽ جيڪو بہ حڪم ملي، ان کي بغير ڪنهن بحث يا چون چرا جي مڃو. انهيءَ رويي جو نالو اسلام آهي— ۽ انهيءَ ”اسلام“ لاءِ قرآن جو تقاضا هيءُ آهي تہ:

﴿يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً﴾ (البقرة[2] : 208)

”اي ايمان وارو! اسلام ۾ پوري جا پورا داخل ٿي وڃو.“

اسلام ۾ اڌورو داخل ٿتو ٿي سگهجي. يعني ڪجهہ حڪمن کي تہ مڃجي ۽ ڪجهہ حڪمن تي عمل ڪرڻ کان انڪار، اعراض، ۽ سرڪشي ڪجي! ان جو نالو اسلام ناهي. هتي تہ اصول هيءُ آهي تہ مڃڻو آهي تہ پوري جو پورو مڃو، نہ تہ ڇڏي ڏيو ۽ دفع ٿي وڃو. (Take it All or leave it All) هتي وچ واري ڳالهہ ڪانہ هلندي.

2) **اطاعت:** انهيءَ طرزِ عمل لاءِ ٻيو اصطلاح ”اطاعت“ آهي. هاڻي هي معاملو ٿورڙو اڳتي وڌي ويو آهي. لفظ اسلام ۾ ته مقابلي ۾ مخالفت (Resistance) کي ڇڏي پاڻ کي حوالي ڪرڻ (Surrender) جو مفهوم آهي، جڏهن ته اطاعت جو لفظ ”طوع“ مان نڪتو آهي. جنهن جي معنىٰ آهي ”دِلي آمادگي“ جڻ ته دلي رضامندي ۽ آمادگيءَ سان فرمان برداري قبول ڪرڻ جي رويي جو نالو اطاعت آهي. ۽ ان جي لاءِ اصول هيءُ آهي ته:

﴿وَاَطِيۡعُوا اللّٰهَ وَاَطِيۡعُوا الرَّسُوۡلَ ۚ فَاِنۡ تَوَلَّيۡتُمۡ فَاِنَّمَا عَلٰى رَسُوۡلِنَا الۡبَلٰغُ الۡمُبِيۡنُ﴾ (التغابن64 : 12)

”۽ اطاعت ڪريو الله جي ۽ اطاعت ڪريو رسول الله ﷺ جي ۽ جيڪڏهن توهان منهن موڙيو ته ڄاڻي ڇڏيو ته اسان جي رسول تي سواءِ واضح طور تي (هدايت) پهچائڻ جي ٻي ڪا ذميداري ڪونهي.“

هتي به اهو ئي انداز آهي جيڪو اسلام جي حوالي ۾ آئون عرض ڪري چڪو آهيان. يعني هتي به ”All or none Law“ جو اصول لاڳو آهي. اسان جي نبي ﷺ جي ذميداري هئي اسان تائين پهچائڻ، اُها انهن پهچائي ڇڏي، هاڻي توهان جيڪڏهن پنهنجو رخ ڪنهن ٻئي طرف ڪرڻ چاهيو ٿا ۽ هن دعوت کان منهن موڙيو ٿا ته توهان پنهنجي هن نافرماني ۽ سرڪشي جا ذميدار پاڻ هوندائو. اسلام ته ﴿اُدۡخُلُوۡا فِى السِّلۡمِ كَآفَّةً﴾ جي تقاضي ۽ اطاعت جي مطالبي سان گڏ مطلوب آهي. پوءِ هيءَ اطاعت به پوري قوت سان ۽ هر لحاظ کان ڀرپور آهي. هتي به ائين ڪونه ٿيندو ته ڪجهه حڪمن کي مڃون ۽ ڪجهه نه مڃون.

3) **تقويٰ:** هيءَ ٽين اصطلاح آهي. اسلام ۾ اطاعت انسان جي مثبت (Positive) رويي ۽ طرز عمل جا اظهار آهن. انهن ئي اصطلاحن کي منفي (Negative) اسلوب سان بيان ڪيو ويندو ته اهو ٿيندو ”تقوىٰ“. تقوىٰ جو مفهوم آهي الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي حڪمن کي ٽوڙڻ کان بچڻ،

ان جي نافرماني کان بچڻ، ان جي ناراضگيءَ جو خوف رکڻ، ان جي سزا کان ڊڄڻ ۽ ان جي سزا کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ. هن اصطلاح لاءِ ترجمن ۾ ”پرهيزگاري“ جو لفظ به استعمال ٿيندو آهي ۽ ”ڊڄڻ“ به استعمال ٿيندو آهي پر (عربي زبان ۾ اها وسعت آهي جو) ڪنهن به اصطلاح جو هڪ لفظ ۾ ترجمي سان ان جو صحيح ۽ پورو مفهوم ادا نٿو ٿئي. سورة آلِ عمران[3] ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ فرمايو آهي:

﴿يَاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَ لَا تَمُوۡتُنَّ اِلَّا وَ اَنۡتُمۡ مُّسۡلِمُوۡنَ﴾ (آيت 102)

”اي ايمان وارو! الله جي تقويٰ اختيار ڪريو جيئن ان جي تقويٰ جو حق آهي ۽ توهان تي هرگز موت نه اچي مگر ان حال ۾ جو توهان مسلمان هجو“

سورة آل عمران جي هن آيت مبارڪ ۾ منفي رويي ”تقويٰ“ ۽ مثبت رويي ”اسلام“ ٻنهي جو ذڪر نهايت جامعيت سان آيو آهي.

4) **عبادت:** هن سلسلي جي هيءَ چوٿين اصطلاح آهي جيڪا هم گير، جامع ترين بلڪ اصل اصطلاح آهي. هتي ڳالهه اجان به اڳتي وڌي وئي آهي. ديني اعتبار سان لفظ عبادت جو اصطلاحي مفهوم ٿيندو ”ڪنهن جي محبت ۾ سرشار (مست) ٿي هر وقت، هر طرف کان، پوري جسم و جان سان اُن جي بندگيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏئي ڇڏڻ“. قرآن حڪيم ۾ انسان جي تخليق جو مقصد ئي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي عبادت قرار ڏنو ويو آهي. جيئن سورة الذاريات ۾ آيو آهي:

﴿وَمَا خَلَقۡتُ الۡجِنَّ وَالۡاِنۡسَ اِلَّا لِيَعۡبُدُوۡنِ﴾ (الذاريات[51]: 56)

”مون جنن ۽ انسانن کي پيدا ئي ان لاءِ ڪيو آهي ته هو منهنجي بندگي ڪن“

جڻ ته انسان جي زندگيءَ جو مقصد ئي ”بندگي“ آهي، تخليق جو مقصد ئي بندگي آهي.

عبادت جا مفهومَ ۽ معنائون ۽ اُهي گهربل نتيجا جيڪي لفظ عبادت جي مفهوم ۾ شامل آهن، انهن تي ڪيترائي پيرا گفتگو ٿي آهي. اچ آئون انهن سڀني کي مجموعي طرح سان اوهان جي اڳيان بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. عربيءَ جي لفظ عبادت جو مفهوم فارسي جي ٻن لفظن کي جمع ڪري ادا ڪري سگهجي ٿو جيڪي سنڌي ۽ اُردو ۾ بہ استعمال ٿيندا آهن، اهي آهن ”بندگي“ ۽ ”پرستش“. بندگيءَ ۾ اطاعت ڏانهن اشارو آهي ۽ پرستش ۾ محبت ڏانهن! بندي (عبد) جي معنیٰ آهي غلام (Slave) — ۽ غلام هر وقت ۽ همہ تن (پوري وجود سان) غلام هوندو آهي. غلامي ۽ ملازمت ۾ اهو ئي فرق آهي تہ ملازمت ڪنهن خاص ڪم لاءِ هوندي آهي. مثال طور جيڪو ماڻهو صفائي ڪرڻ لاءِ ملازم آهي تہ اهو صرف صفائي ئي ڪندو ۽ ٻيو ڪو ڪم نہ ڪندو. اهڙي طرح جيڪو بورچي جي ڪم لاءِ رکيو ويو آهي تہ اهو اوهان جي گهر جو فرش تہ صاف نہ ڪندو! ٻيو تہ ملازمت هڪ مقرر وقت لاءِ هوندي آهي. ملازم سان اهو طئي ڪيو ويندو آهي تہ ان کي چار ڪلاڪ ڪم ڪرڻو آهي يا ڇهہ ڪلاڪ يا اٺ ڪلاڪ. ان مقرر وقت کان پوءِ اهو ماڻهو اوهان جو ملازم ناهي. پر غلامي يا بندگي هر وقت ۽ همہ تن هوندي آهي ، شيخ سعدي رحمة الله عليه هڪ شعر ۾ تمام خوبصورتيءَ سان ان جي مفهوم جي ترجماني ڪئي آهي تہ:

زندگی آمد برائے بندگی
زندگی بے بندگی شرمندگی

ذهن ۾ رکو تہ بندگيءَ جي معنیٰ آهي ”هر وقت، مڪمل جسماني وجود سان ۽ هر طرح سان اطاعت“. پر صرف بندگي يا غلامي ”عبادت“ ناهي جيستائين ان ۾ ”پرستش“ شامل نہ ٿئي. پرستش ۾ محبت جو جذبو هوندو آهي. ”زر پرست“ ان کي چيو ويندو آهي جنهن کي مال سان شديد محبت هجي. وطن پرست، قوم پرست ۽ شهرت پرست جهڙا

لفظ اسان وٽ عام طرح سان استعمال ٿين ٿا. پرستش ۽ پرستاري اسان جا ڄاتل سڃاتل لفظ آهن. پرستار اسين ”تمام گهڻي محبت ڪندڙ“ جي معنىٰ ۽ مفهوم ۾ چوندا آهيون. تنهنڪري عبادت جو مفهوم ٿيندو: ”الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي بندگي ۽ ان جي پرستش.“

## اڻپوري اطاعت قابل قبول ناهي:

هي چار اصطلاح آهن جن سان دين جو پهريون ۽ بنيادي تقاضا اسان جي سامهون اچي ٿو. پر ان حوالي سان اصل سمجهڻ جي شيءِ هيءَ آهي تہ زندگيءَ جي هر شعبي ڪي الله تعالىٰ جي اطاعت جي دائري ۾ آڻڻ جو نالو ئي بندگي آهي. اسلام ۾ اڻپوري اطاعت جي بلڪل گنجائش ناهي. اسلام جو مطالبو مڪمل اطاعت آهي. جنهن جي باري ۾ آئون هڪ آيت توهان کي ٻڌائي چڪو آهيان يعني ﴿يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً﴾ هڪ ٻي آيت بہ آهي جنهن ۾ هيءَ ڳالهہ وڌيڪ واضح ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ اُن آيت ۾ خطاب يهودين سان آهي پر اِها ڳالهہ سمجهڻ کپي تہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي سنت تبديل نہ ٿيندي آهي. قرآن مجيد يهودين کي مسلمانن جي لاءِ عبرت جي نشانيءَ طور پيش ڪيو آهي. جيڪڏهن مسلمان امت بہ ساڳيو يهودين وارو رويو اختيار ڪندي، جنهن جو ذڪر هن هيٺ ڏنل آيت ۾ يهودين جي حوالي سان آيو آهي، تہ پوءِ اُنهن لاءِ بہ اها ساڳي ئي سزا ٿيندي جنهن جا مستحق يهودي ٿيا هئا. ارشاد باري تعالىٰ آهي:

﴿اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ ۚ فَمَا جَزَآءُ مَنْ يَّفْعَلُ ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا خِزْيٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يُرَدُّوْنَ اِلٰٓى اَشَدِّ الْعَذَابِ ۭ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ﴾ (البقرة[2]: 85)

”ڇا توهان (اسان جي) ڪتاب جي هڪ حصي کي تہ مڃيو ٿا ۽ هڪ حصي جو انڪار ڪريو ٿا؟ تہ پوءِ توهان مان جيڪو

اها حرڪت ڪندو ان جي سزا ان ڪان سواءِ ٻي ڇا ٿي سگهي ٿي جو دنيا جي زندگي ۾ بہ ذليل ۽ خوار ڪيا وڃن ۽ قيامت جي ڏينهن بہ شديد عذاب ڏانهن موٽايا وڃن! ۽ الله ان ڪان غافل ڪونهي جيڪو ڪجهہ توهان ڪريو ٿا.“

هي وعيد (ڌمڪي) ان ڪري آهي تہ ڪجهہ ڳالهين ڪي مڃڻ ۽ ڪجهہ کي نہ مڃڻ جي طرزِ عمل جون ڪڙيون درحقيقت منافقت سان وڃي ملن ٿيون. اها بہ عملي ۽ بہ رنگي آهي ۽ اهو بہ رُخو ڪردار آهي جڏهن تہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ کي هڪ رنگ ڪپي ٿو. جيئن قرآن حڪيم ۾ آهي:

﴿صِبْغَةَ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ صِبْغَةً﴾ (البقرة[2]: 138) ”(اسان تہ) الله جو رنگ (اختيار ڪري ڇڏيو آهي) ۽ الله جي رنگ کان وڌيڪ بهتر ڪنهن جو رنگ ٿي ٿو سگهي؟“ بس بہ رنگي منافقت آهي ۽ منافقت اها بيماري آهي جنهن جي باري ۾ قرآن حڪيم ۾ ارشاد آهي:

﴿اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ فِى الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ النَّارِ ۚ وَلَنْ تَجِدَ لَهُمْ نَصِيْرًا﴾ (النساء[4]: 145)

”بيشڪ منافق دوزخ جي سڀ کان هيٺئين درجي ۾ رهندا ۽ هو پنهنجي لاءِ ڪوبہ مددگار نہ لهندا“

جن ماڻهن کي قرآن حڪيم سان ٿورو بہ لڳاءُ آهي، اُهي هن ڳالهہ کان واقف آهن تہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو غضب ڪافرن تي ايترو نہ آهي جيترو منافقن تي آهي. سورة الصف ۾ اسان هنن ٻن آيتن جو مطالعو بہ ڪيو آهي:

﴿يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ○ كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ○﴾ (الصّف[61]: 2-3)

”اي مؤمنو! توهان اهڙي ڳالهہ ڇو ٿا ڪريو جنهن تي پاڻ عمل نٿا ڪريو؟ اُها ڳالهہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ کي سخت ناپسند آهي جيڪا توهان چئو ٿا (۽ پاڻ) ان تي عمل نٿا ڪريو!“

اسين پنهنجي پاڻ کي ”مسلمان“ چئون ٿا —— ۽ مسلمان جي معنىٰ آهي ”حڪم جي اطاعت ڪرڻ وارو“ جڏهن ته اسان جو حال هيءُ آهي ته اسان الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي حڪمن کي پنهنجي پنن پنيان اُڇلائي ڇڏيون ٿا. اسين چئون ٿا ته اسين الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جا بندا (ٻانها) آهيون. بندي جي معنىٰ آهي غلام، ان حيثيت ۾ ته اسان کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي سيني حڪمن کي مڃڻ گهرجي ۽ انهن تي عمل ڪرڻ گهرجي، جن شين کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ حرام قرار ڏنو آهي انهن کي ڇڏي ڏيڻ گهرجي ۽ جن شين کي فرض ۽ واجب قرار ڏنو آهي انهن کي ادا ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اسين الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي انهن حڪمن کي، جيڪي اسان کي ناپسند هجن، پنهنجي پٺ پنيان اڇلائي ڇڏيون ته پوء اسان تي ٻه هيءَ ڳالهه سچ ثابت ٿي ويندي ته: لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَا لَا تَفْعَلُوْنَ!!

**اسلام جا رُڪنَ ۽ انهن جي اهميت:** اسان جي اجان تائين جي ڳالهه جو حاصل هي آهي ته دين جي تقاضن ۾ پهريون تقاضو آهي اسلام تي ڪاربند ۽ عمل ڪرڻ وارو ٿيڻ. ان جي لاء چار اصطلاح آهن (1) اسلام (2) اطاعت (3) تقوىٰ (4) عبادت. انهن مان جامع ترين اصطلاح ”عبادت“ آهي. جنهن جو مفهوم آهي مڪمل جسماني وجود سان، هر وقت ۽ هر طرح سان بندگي ۽ پرستش ڪرڻ، يعني محبت جي جذبي سان پريل مڪمل اطاعت!

هاڻ آئون چاهيان ٿو ته ضميمي (Appendix) جي حيثيت سان، ان سان هيءَ ڳالهه ٻه جوڙي ڇڏيو ته هي ڪم آسان ناهي، تمام مشڪل آهي. انهيء ڪري علامه اقبال چيو هو ته:

چوں مےؔ گویم مسلمانم بلرزم
کہ دانم مشکلاتِ لاالٰہ را!

يعني جڏهن آئون چوان ٿو ته آئون مسلمان آهيان ته مون کي ڏڪڻي وني وڃي ٿي، ڇو جو مون کي خبر آهي ته لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ چوڻ سان ڇا ڇا

لازم ٿي وڃي ٿو! جيڪي هن ڪلمي جي حقيقت کان ناواقف آهن انهن کي تہ ڪو فرق نٿو پوي، پر جن کي هن ڪلمي جي تقاضن ۽ مطالبن جو علم آهي، اُهي تہ واقعي ئي هي ڪلمون زبان سان ادا ڪندي خوف ۾ ڏڪي وڃن ٿا. انهيءَ ڪري الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی اسان تي هي ڪرم فرمايو جو هن مشڪل کي آسان ڪرڻ لاءِ اسان کي چار عبادتون عطا فرمايائين، جن کي اسلام جا رڪن بہ چيو ويندو آهي. حضرت عبد الله بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم جن فرمايو:

﴿بُنِيَ الْاِسْلَامُ عَلٰى خَمْسٍ : شَهَادَةِ اَنْ لَّا اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ وَاِقَامِ الصَّلٰوةِ وَاِيْـتَاءِ الزَّكٰوةِ وَحَجِّ الْبَيْتِ وَصَوْمِ رَمَضَانَ﴾[1]

”اسلام جي بنياد پنجن شين تي آهي: شاهدي ڏيڻ تہ الله کان سواءِ ڪير بہ معبود نہ آهي ۽ محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم ان جو بندو ۽ رسول آهي، نماز قائم ڪرڻ، زڪوات ادا ڪرڻ، بيت الله جو حج ڪرڻ ۽ رمضان جا روزا رکڻ“

هر ماڻهو ٻن شهادتن جي ادا ڪرڻ سان اسلام ۾ داخل ٿيندو آهي. جڻ تہ هي بنياد ۽ فائونڊيشن آهي ۽ عملي ٿنڀا (ستون) چار آهن: نماز، زڪوات، حج البيت ۽ رمضان جا روزا. انهن ئي کي اسين ”عبادتون“ چوندا آهيون. جڏهن تہ پوري قرآن حڪيم ۾ انهن جي لاءِ لفظ ”عبادت“ ڪٿي بہ ڪونہ آيو آهي. عبادت جو لفظ انهيءَ مفهوم ۾ آيو آهي جنهن جي وضاحت مٿي ڪئي وئي آهي. يعني انسان هر وقت مڪمل جسماني وجود سان ۽ هر طرح سان الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی جي محبت سان سرشار ٿي ان جي بندگي ۽ پرستش ڪري. هي عبادتون تہ هن ”فريضہ عبادتِ رب“ لاءِ انسان کي تيار ڪن ٿيون ۽ ان رستي ۾ ايندڙ رڪاوٽن کي پري ڪرڻ

(1) صحيح البخارى: 08، كتاب الايمان، باب بنى الاسلام على خمس۔ وصحيح مسلم: 113، كتاب الايمان، باب بيان اركان الاسلام ودعائمه العظام۔ واللفظ له۔

۾ مدد ۽ معاونت ڪن ٿيون. جيئن نماز جو نظام ان ڪري عطا ٿيو ته ڏينهن ۾ پنج ڀيرا پنهنجين مصروفيتن مان نڪرو ۽ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی جي روبرو بيهي پنهنجي قول ۽ اقرار ﴿اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ﴾ (الفاتحة: 4) جي تجديد ڪريو ۽ پنهنجي ايمان کي تازو رکو. جيئن فرمايو ويو آهي ته ﴿اَقِمِ الصَّلٰوةَ لِذِكْرِىْ﴾ (طٰهٰ[20]: 14) ”نماز قائم ڪريو منهنجي ياد لاءِ“. ڪٿي مصروفيتن ۾ گم ٿي پنهنجي رب کي وساري نه ڇڏيو. زڪوات جي عبادت ان ڪري نوازي وئي ته جيئن مال جي محبت کي دل مان ڪڍيو وڃي، جيڪا وڏي تباهه ڪرڻ واري شيء آهي ۽ سڀ مرضن جو هڪڙو مرض آهي. روزو اُن ڪري فرض ٿيو ته جيئن ﴿لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ﴾ (البقرة[2]: 183) ”ته جيئن توهين پرهيزگار ٿي وڃو!“ انساني نفس جو گهوڙو وڏو زورآور آهي، ان کي لغام ڏيڻ ۽ پنهنجي قبضي ۾ رکڻ جي تربيت روزن جي ذريعي حاصل ٿي سگهي ۽ ان جي ذريعي غير ضروري خواهشن کان بچي سگهجي. ۽ حج ۾ ته اُهي سيئي برڪتون جمع ڪيون ويون آهن. ان ۾ ذڪر به آهي ته طواف به آهي. ان ۾ احرام جي پابندي به آهي جيڪا روزي جي مشابهه آهي. ان ۾ مال جو خرچ به آهي جيڪو زڪوات جي مشابهه آهي.— ته هي چار ارڪانِ اسلام يا هي چار عبادتون ان لاء فرض ڪيون ويون ته جيئن اسلام جي ڇت انهن رڪنن يعني ٿنين تي بيهي وڃي ۽ هي ارڪانِ اسلام ”عبادتِ ڪُلي“ جي لاء سهاري ۽ Support جو ڪم ڏين. هي درحقيقت الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی اسان جي لاء تسهيل ۽ آساني عطا فرمائي آهي.— هتي پهرئين فرض جي متعلق گفتگو مڪمل ٿي. هاڻ اچو ٻئي فرض ڏانهن!

## ٻيو فرض : دين کي ٻين تائين پهچائڻ:

مون عرض ڪيو هو ته اسان جو ٻيو فرض ۽ اسان جي ٻي ذميداري هيءَ آهي ته اسين اسلام کي ڦهلائيون. پهرين ذميداري ته هيءَ آهي ته اسين ان تي خود مڪمل عمل ڪريون ۽ ان تي ڄمي بيهون. پر ٻيو

فرض ۽ بي ذميداري جو تعلق اسلام کي ڦهلائڻ ۽ پکيڙڻ سان آهي. ان ذميداري جي لاءِ ٻه ڪيترا ئي اصطلاح آهن. پر چئين کي ضرور ذهن نشين ڪيو وڃي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| تبليغ | دعوت | امر بالمعروف و نهي عن المنڪر | شهادت عليٰ الناس |

1) **تبليغ:** يعني پهچائڻ. ٻين تائين پهچائيندا سين ته اسلام ڦهلجندو. رسول ڪريم ﷺ جن کي حڪم ڏنو ويو:

﴿يٰٓاَيُّهَا الرَّسُوْلُ بَلِّغْ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ﴾ (المائده[5]: 27)

”اي رسول ﷺ ! پهچائي ڇڏيو جيڪو ڪجهه نازل ٿيو آهي توهان تي توهان جي رب جي طرفان“

۽ رسول الله ﷺ اسان کي حڪم ڏنو ته: ﴿بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَةً﴾[1] ”پهچايو منهنجي طرف کان يلي هڪ ئي آيت جو نه هجي“. حَجَّةُ الوِدَاع جي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن هي چئي تبليغ جي ذميداري قيامت تائين امت ڏانهن منتقل فرمائي ڇڏي ته: ﴿فَلْيُبَلِّغِ الشَّاهِدُ الْغَائِبَ﴾[2] ”هاڻ پهچائن اُهي جيڪي هتي موجود آهن اُنهن کي جيڪي هتي موجود نه آهن“.

2) **دعوت:** يعني ماڻهن کي اسلام جي طرف سڏڻ. الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جو ارشاد آهي:

﴿وَمَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَآ اِلَى اللّٰهِ﴾ (حٰمٓ السجدة[41] : 33)

”۽ ان ماڻهو کان بهترين ڳالهه ڪنهن جي هوندي جيڪو الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي طرف سڏيندو هجي!“

ءِ

(1) صحيح البخاری: 3461، كتاب احادیث الانبیاء، باب ما ذکر عن بنی اسرا ئیل۔

(2) صحيح البخاری: 1741، کتاب الحج، باب الخطبة ایام منی۔ وصحیح مسلم، کتاب القسامة والمحاربین والقصاص والدیات۔ باب تغلیظ تحریم الدماء والاعراض والاموال۔

﴿اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِالۡحِكۡمَةِ وَالۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ وَجَادِلۡهُمۡ بِالَّتِىۡ هِىَ اَحۡسَنُ﴾ (النحل[16] : 125)

”دعوت ڏي پنهنجي رب جي راهه ڏانهن حڪمت ۽ سهڻي نصيحت سان ۽ ماڻهن سان بحث مباحثو به اهڙي نموني ۾ ڪر جيڪو نهايت سهڻو هجي.“

3) **امر بالمعروف و نهي عن المنڪر:** هيءَ اصطلاح به تمام اهم آهي. امر بالمعروف جو مطلب آهي نيڪيءَ جو پرچار، نيڪيءَ جي تلقين ۽ نيڪيءَ جو حڪم. ۽ نهي عن المنڪر مان مراد آهي بدي ۽ برائي کان ماڻهن کي روڪڻ ۽ بدي ۽ برائي جي پرچار ۾ رڪاوٽ وجهڻ. ۽ جيڪڏهن سگهه ۽ طاقت موجود هجي ته بدي ۽ برائي کي زور ۽ قوت سان روڪڻ. ان جي لاءِ حديث ۾ هي لفظ آيا آهن:

﴿مَنۡ رَاٰى مِنۡكُمۡ مُنۡكَرًا فَلۡيُغَيِّرۡهُ بِيَدِهٖ فَاِنۡ لَمۡ يَسۡتَطِعۡ فَبِلِسَانِهٖ فَاِنۡ لَمۡ يَسۡتَطِعۡ فَبِقَلۡبِهٖ وَذٰلِكَ اَضۡعَفُ الۡاِيۡمَانِ﴾ (1)

”توهان مان ڪير به ڪنهن برائي کي ڏسي ته ان جو فرض آهي ته هو ان کي پنهنجي هٿ (يعني طاقت) سان بدلائي. جيڪڏهن ان جي سگهه نه رکندو هجي ته پنهنجي زبان سان (يعني تلقين ۽ نصيحت سان ان برائي کي روڪي). جيڪڏهن ان جي به طاقت نه رکندو هجي ته پنهنجي دل ۾ (ان جي خلاف نفرت جو اظهار ڪري) ۽ هي ايمان جو ڪمزور ترين درجو آهي.“

يعني گهٽ ۾ گهٽ دل ۾ بيچيني ته ضرور ٿئي. جيڪڏهن اِها بيچيني به پيدا نه ٿئي ته اهڙي ڪيفيت لاء بي حديث ۾ الفاظ آهن ته:

(1) صحيح مسلم: 177 ’ڪتاب الايمان‘ باب بيان ڪون النهى عن المنكر من الايمان… عن ابى سعيد الخدرى رضي الله عنه

﴿وَلَيۡسَ وَرَآءَ ذٰلِكَ مِنَ الۡاِيۡمَانِ حَبَّةُ خَرۡدَلٍ﴾[1]

”۽ ان کان پوءِ تہ ايمان رائيءَ جي داڻي جي برابر بہ موجود نہ آهي.“

يعني جڏهن توهان بديءَ کي ڏسو، منڪر کي ڏسو ۽ توهان جي اندر ۾ ان لاءِ جُون بہ نہ چري، برائي کي ڏسندي اُتان گزري وڃو ۽ اهو ڏک بہ نہ ٿئي تہ هي ڇو ٿي رهيو آهي، ڇو منهنجي هٿ ۾ ايتري بہ طاقت ڪونهي جو آئون اُن کي روڪي سگهان! جيڪڏهن هيءَ ڪيفيت آهي تہ سمجهو تہ ايمان توهان جي دل ۾ ذري برابر بہ نہ آهي. هي فتوىٰ ڪنهن جي آهي؟ هي حقيقي مفتي اعظم محمد رسول الله ﷺ جن جي فتوىٰ آهي. انهن جي فتوىٰ جو ڪير ٿو انڪار ڪري سگهي؟ ۽ جيڪڏهن ڪير انڪار ڪندو تہ ڇا ان جو ايمان سلامت رهندو؟

4) **شهادت عليٰ الناس:** هي چوٿين اصطلاح جامع ترين آهي. شهادت عليٰ الناس جو مفهوم هي آهي تہ ماڻهن تي حجت قائم ڪئي وڃي تہ جيئن قيامت جي ڏينهن الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي عدالت ۾ شاهدي ڏيئي سگهو ۽ Testify ڪري سگهو تہ پروردگار! اسان تنهنجو دين پهچائي ڇڏيو هو. هي اُها اصطلاح آهي جيڪا هتي اچي دعوت ۽ تبليغ جو تعلق رسالت جي ڪم سان جوڙي ڇڏي ٿي. رسول ڇو موڪليا ويا؟ ان کي سورة النساء[4] جي آيت 41 مان سمجهي سگهجي ٿو:

﴿فَكَيۡفَ اِذَا جِئۡنَا مِنۡ كُلِّ اُمَّةٍۭ بِشَهِيۡدٍ وَّ جِئۡنَا بِكَ عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ شَهِيۡدًا﴾

”بس ان ڏينهن جو حال ڇا هوندو جنهن ڏينهن اسين هر امت مان (انهن تي) هڪ گواهہ آڻينداسون ۽ (اي نبي ﷺ) توهان کي بہ گواهہ بڻائي آڻينداسين انهن جي خلاف!!“

(1) صحيح مسلم: 179، ڪتاب الايمان، باب بيان ڪون النهى عن المنكر من الايمان... عن عبد الله بن مسعود رضي الله عنه

رسولن کي اُن ڪري موڪليو ويو ته اُهي هيءَ گواهي ڏيندا ته اي منهنجا ربّ! مون تنهنجو پيغام پهچائي ڇڏيو هو. هاڻي پنهنجن عملن ۽ ڪرتوتن جا هي پاڻ ذميدار آهن. — هاڻي ٻڌايو ته هيءَ شاهدي اسان جي حق ۾ ويندي يا اسان جي خلاف؟ ظاهر آهي ته هيءَ شاهدي اسان جي خلاف وڃي رهي آهي. الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی جي عدالت ۾ رسول ﷺ دراصل استغاثه جو شاهد (Prosecution Witness) هوندا. هو چوندا ته اي پروردگار! مون توهان جو پيغام بغير گهٽ وڌ ڪِئي انهن ماڻهن تائين پهچائي ڇڏيو هو. هاڻ اِها اُنهن جي ذميداري هئي ته تنهنجو هيءُ پيغام پوري انسان ذات تائين پهچائي انهن تي حجت قائم ڪن.

سورة البقرة ۾ جيڪو فرمايو ويو آهي ته اسان توهان کي اُمت وَسط يعني بهترين اُمت بنايو آهي، اُهو انهيءَ شهادت علیٰ الناس جي فرض جي ادائگيءَ لاءِ آهي:

﴿وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ وَيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا﴾ (البقرة[2]: 143)

”۽ اهڙيءَ طرح اسان توهان کي هڪ درمياني اُمت ناهيو آهي ته جيئن توهان گواهه ٿي وڃو پوري انسان ذات تي ۽ رسول الله ﷺ گواهه ٿي وڃن توهان تي“

عبادتِ رب کان پوءِ شهادت علیٰ الناس جي هيءَ ٻي اهم ذميداري آهي جيڪا اُمت جي حوالي ڪئي وئي آهي. ان جي اهميت کي سمجهي ڇڏيو ته جيڪڏهن بالفرض رسول ڪريم ﷺ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی جو پيغام نه پهچائن ها ته الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی وٽ انهن جو پڇاڻو ٿئي ها ۽ اُهي ذميدار هجن ها! انهن ته پهچائي ڇڏيو تنهن جي ڪري اهي پنهنجي ذميداريءَ کان بري ٿي ويا ۽ باقي دنيا جي ذميداري اُمت جي حوالي ڪري پاڻ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. ان ڪري جو محمد رسول الله ﷺ جن

کي پوري انسان ذات لاءِ رسول ڪري موڪليو ويو هو صرف عربن جي لاءِ نہ موڪليو ويو هو جيئن قرآن ڪريم جا الفاظ آهن:

﴿وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّ نَذِيْرًا﴾ (سبا[34]: 25)

﴿قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعًا﴾ (الاعراف[7]: 158)

۽ ﴿وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ﴾ (الانبياء[21]: 107) — تہ هاڻ باقي دنيا کي ڪير پهچائيندو؟ ان جي باري ۾ آئون عرض ڪري چڪو آهيان تہ حَجَّة الوداع جي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمائي ڇڏيو تہ هاڻي هيءُ ڪم توهان جي ذمي آهي. مون پهچائي ڇڏيو، هاڻي توهين اُنهن تائين پهچايو، جيڪي هتي موجود ڪونہ آهن.

هتي هيءُ ڳالهہ وڏيڪ سمجهي ڇڏيو تہ اهو صرف ان وقت جي دنيا وارن جو معاملو ڪونہ هو. هاڻي تہ هميشہ جي لاءِ رسالتِ محمدي جو دؤر آهي (علیٰ صاحبها الصلوٰة والسلام). هاڻي قيامت تائين پوري انسان ذات جي لاءِ شهادت علیٰ الناس جي ذميداري ڪير ادا ڪندو؟ اها ذميداري اُمتِ محمدي جي آهي (علیٰ صاحبها الصلوٰة والسلام). جيڪڏهن اُمت انهيءَ فرض جي ادائگي نٿي ڪري تہ اهو سمجهي ڇڏيو تہ سڄي دنيا جي گمراهي جو وَبال اُن جي ڪلهن تي ايندو. ڇا توهان ائين سمجهو ٿا تہ رسول الله ﷺ جي امتي تيڻ سان الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى وٽ توهان کي ڪو ڪريڊٽ ملندو! آئون توهان کي ان جو ٻيو رخ ڏيکاري رهيو آهيان. هيءَ ايڏي تہ وڏي ذميداري آهي جيڪا اگر توهان ادا نٿا ڪريو تہ سڄي دنيا جي ضلالت ۽ گمراهي جو وبال توهان جي ڳچيءَ ۾ پوندو. پوري انسان ذات آخرت جي عدالت ۾ اهو عُذر (بهانو) پيش ڪرڻ ۾ گهڻي حد تائين صحيح هوندي تہ يا الله! هنن وٽ تنهنجو آخري ۽ مڪمل ڪتاب هو، هنن وٽ تنهنجو دين هو، هي تنهنجي شريعت جا علمبردار هئا، هي تنهنجي آخري نبي ۽ رسول ﷺ جا اُمتي هئا، انهن تنهنجي هن دين کي نہ اسان تائين پهچايو ۽ نہ ئي پاڻ ان تي عمل ڪيائون. هي

تنهنجي آخري ڪتاب ۽ آخري نبي ﷺ جي تعليمن تي خزاني جا نانگ ٻڌيا وينا هئا.

آئون اوهان جي نصيحت ۽ خير خواهي جو حق ادا نہ ڪري سگهندس جيڪڏهن آئون اوهان کي خبردار نہ ڪريان تہ جيڪڏهن اوهان جو رويو اهو ئي رهيو تہ آخرت ۾ ڪجهہ ملڻ جي بجاءِ ڏيڍو پئجي ويندو. الله جي واسطي مون کي ٻڌايو تہ الله رب العزت جي عدالت ۾ جڏهن اسان کان اهو سوال ٿيندو تہ توهان اسان جي آخري نبي ﷺ جا امتي هئائو، توهان وٽ اسان جو دين هو، توهين حاملِ قرآن هئائو، اسان چيِنين ۽ امريڪين کي پنهنجو دين ڪونہ ڏنو هو بلڪ توهان کي ان دين جو وارث بڻايو هو ۽ اها توهان تي ذميداري هئي تہ انهن تائين اسان جو دين پهچايو، اسان محمد ﷺ کي روس ۾ مبعوث ڪونہ ڪيو هو بلڪ انهن تائين دين پهچائڻ توهان جي ذمي هو، تہ ان وقت اسان وٽ ڪهڙو جواب هوندو؟ ٻين تائين دين نہ پهچائڻ جي ذميداري اسان تي هوندي يا نہ؟ هي آهي ٻي ذميداري جنهن کي مون چئن اصطلاحن جي حوالي سان بيان ڪيو آهي. اسان جو حال هي آهي، تہ اسين ٻين تائين چا پهچائينداسين! اسين تہ خود محتاج آهيون تہ صحيح دين اسان تائين پهچي. اسين تہ اِلَّا مَا شَآءَ الله پيدائشي (By Birth) ۽ نالي جا مسلمان آهيون. بقول اقبال:

يوں تو سيّد بھی ہو‘ مرزا بھی ہو‘ افغان بھی ہو!
تم سبھی کچھ ہو‘ بتاؤ تو مسلمان بھی ہو؟

## ٽيون فرض : دين کي قائم ڪرڻ:

هاڻي اچون ٿا ٽين ذميداري ڏانهن — يعني اها هيءَ تہ دين کي قائم ڪيو وڃي. هڪ آهي تبليغ ۽ دعوت يعني دين کي ڦهلائڻ، ان کي ٻين تائين پهچائڻ، ان ڏانهن ماڻهن کي سڏڻ. ۽ هڪ آهي دين کي قائم ۽ غالب ڪرڻ. انهن ٻنهي ۾ وڏو فرق آهي. اسلام جيڪڏهن هڪ مڪمل

نظامِ حيات (يعني ڪامل زندگيءَ جو دستور) آهي، جيئن تہ واقعي ٿئي اهو آهي: ﴿اِنَّ الدِّيۡنَ عِنۡدَ اللّٰهِ الۡاِسۡلَامُ﴾ (آل عمران: 19)، تہ ان کي عملي طور تي قائم ڪرڻ گهرجي. اسين هيءَ ڳالهہ وڏي فخر سان چوندا آهيون تہ اسان جو دين زندگيءَ جو هڪ مڪمل دستور آهي. اڄ پاڪستان ۾ شايد ئي ڪو اهڙو پڙهيل لکيل ماڻهو هجي جيڪو هيءَ ڳالهہ نہ ڄاڻندو هجي ۽ نہ چوندو هجي. اهو فِڪر تمام گهڻو عام آهي. گهٽ ۾ گهٽ اسان جي دروس ۽ خطبن ۾ ايندڙ ماڻهن ۽ جيڪي اسان جا ڪتابچہ پڙهن ٿا، انهن مان تہ ڪو بہ اهڙو ماڻهو نہ تو تي سگهي جنهن کي ان ڳالهہ جي خبر نہ هجي. تہ جيڪڏهن هي دين هڪ مڪمل نظامِ حيات آهي تہ ان کي قائم چو نٿا ڪريو! هي صرف تبليغ ۽ تلقين جي لاءِ، يا صرف تحقيقي مضمون لکڻ ۽ ڇاپڻ جي مقصد لاءِ يا صرف تعريفي اشعار چوڻ يا قصيدا لکڻ لاءِ تہ نہ آهي. نظام جيڪڏهن بالفعل قائم هوندو تہ ان کي نظام چيو ويندو. جيڪڏهن نہ تہ پوءِ اهو نظام ئي ناهي. پوءِ تہ اهو صرف هڪ خيالي جنت (Utopia) آهي يا هڪ اهڙو نظريو آهي جنهن جو دنيا سان ڪو تعلق ناهي!

هن ٽين ذميداري لاءِ قرآن حڪيم ۾ اسان کي چار اصطلاحون ملن ٿيون جن مان بہ مڪي سورتن ۾ آهن ۽ بہ مدني صورتن ۾ :

| | | | |
|---|---|---|---|
| تڪبير رب | اقامتِ دين | يَكُوۡنَ الدِّيۡنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ | غلبہ دينِ حق |

1) **تڪبير رب:** هي اصطلاح مڪي سورتن مان سورة المدثر[74] ۾ آئي آهي جيئن ارشاد ٿيو: ﴿وَرَبَّكَ فَكَبِّرۡ﴾ ”۽ پنهنجي رب کي وڏو ڪريو!“. توهان شايد حيران ٿيو تہ مون هي ڪهڙو ترجمو ڪيو آهي!.... هي ڳالهہ سمجهڻ جي آهي تہ لفظ تڪبير جي معنىٰ آهي ڪنهن شيءِ کي وڏو ڪرڻ. تصغير جي معنىٰ آهي ڪنهن شيءِ کي ننڍو ڪرڻ. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ رب کي وڏو ڪرڻ ڪهڙي معنىٰ ۾ آهي؟ هو تہ پنهنجي ذات ۾ پاڻ ئي وڏو آهي! حقيقت هيءَ آهي تہ هي دنيا وارا ان جي وڏائي کي

عملي طور تي تسليم ڪونه پيا ڪن. تنهنجي ڪري تڪبير رب مان مراد آهي الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی جي وڏائي کي مڃرائڻ، ان کي تسليم ڪرائڻ ۽ شرعي معاملن ۾ انهيءَ جي ئي حڪمن کي نافذ ڪرائڻ. جيئن فرمايو ويو: ﴿اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ﴾ (يوسف[12] :40) ۽ بقول علامہ اقبال:

سروری زیبا فقط اُس ذاتِ بے ہمتا کو ہے
حکمراں ہے اک وہی باقی بتانِ آزری!

غور ڪريو تہ ائين هو ڪٿي بہ وڏو نظر نٿو اچي! وڏا تہ اسين ٿيا وينا آهيون. ڇا اڄ اسان جو طرز عمل اهو ئي ڪونهي تہ حڪم تہ بس اسان جو هلندو، اسين نٿا چاهيون تہ الله ڪير آهي! توهان پاڻ ٻڌايو تہ اڄ پوري دنيا جو رويو اهو ئي آهي يا نہ؟ اسين اذان ۾ تہ چئون ٿا تہ "الله اڪبر" جلسن ۽ جلوسن ۾ "نعره تڪبير" جو جواب آسمان ڦاڙيندڙ (ڏاريندڙ) آواز ۾ ڏيو ٿا تہ "الله اڪبر"... پر چوڻ کي ڪيترو بہ چئون تہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی سڀني کان وڏو آهي حقيقت ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی ڪٿي وڏو آهي؟ ان جي وڏائي ۽ ان جي ڪبريائي تہ نظامِ حيات ۾ بالفعل ڪٿي بہ نافذ نہ آهي . جڏهن تہ "تڪبير رب" جي اصل تقاضا هيءَ آهي تہ اهڙو نظام قائم ڪيو وڃي جنهن ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی جي حاڪميتِ مطلق (Absolute Sovereignty) کي تسليم ڪيو وڃي. مڃيو وڃي تہ آخري اختيار ان جو آهي ۽ آخري فيصلو ان جي هٿ ۾ آهي. هي نظام قائم ڪندائو تہ پوءِ تڪبير رب جو تقاضا پورو ٿيندو.

ڏسو نبي اڪرم ﷺ کي وحي جي ذريعي پهريون حڪم مليو ﴿اِقْرَاْ﴾. پهرين وحي ۾ تبليغ ۽ دعوت جو ڪو بہ ذڪر ڪونهي. البت ﴿اِقْرَاْ﴾ بہ پيرا آيو آهي:

﴿اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِيْ خَلَقَ ۝١ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ ۝٢ اِقْرَاْ وَ رَبُّكَ الْاَكْرَمُ ۝٣ الَّذِيْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ۝٤ عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ ۝٥﴾ (العلق[96])

ٻي وحي سورة المدثر[74] جي شروعاتي آيتون آهن. هتي باقاعده خطاب سان ڳالھ شروع ڪئي وئي آهي. ﴿يَاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ﴾ ”اي ڪپڙي ۾ ويڙهجي ليٽڻ وارا!“ خطاب ڪان پوءِ پهريون حڪم مليو ﴿قُمْ فَاَنْذِرْ ۝ وَ رَبَّكَ فَكَبِّرْ ۝﴾ اُٿي ڪڙو ٿي ۽ انذار ڪر ۽ تڪبيرِ رب ڪر! ڪل اولاد آدم (بني آدم) کي خبردار ڪر ۽ ٻڌاءِ، ننڊ ۾ ستلن کي جاڳاءِ ته ڪهڙي دوکي ۾ پيا آهيو، زندگي صرف هيءَ زندگي نه آهي، اصل زندگي اها آهي جيڪا موت ڪان پوءِ ايندي ﴿وَمَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَهْوٌ وَّلَعِبٌ ؕ وَاِنَّ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ لَهِيَ الْحَيَوَانُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ۝﴾ (العنڪبوت[29] : 64) اي انسانو! چڱيءَ طرح ڄاڻو ته هيءَ دنيا جي زندگي عارضي زندگي آهي ۽ فقط راند ۽ دل کي وندرائڻ آهي. اصل زندگيءَ جو گهر آخرت جو گهر آهي. ڪاش ماڻهن کي سمجهه اچي! ۽ قيامت جو ڏينهن اچڻ وارو آهي جنهن ڏينهن سيني کي پنهنجي رب جي اڳيان حاضر ٿي جواب ڏيڻ لاءِ بيهڻو پوندو ﴿اَلَا يَظُنُّ اُولٰٓئِكَ اَنَّهُمْ مَّبْعُوْثُوْنَ ۝ لِيَوْمٍ عَظِيْمٍ ۝ يَّوْمَ يَقُوْمُ النَّاسُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝﴾ (المطفّفين[83]) ”ڇا هي ماڻهو نٿا سمجهن ته هڪ وڏي ڏينهن (يعني قيامت جي ڏينهن) انهن کي اٿاريو ويندو؟ ان ڏينهن جڏهن پوري انسان ذات هن ڪائنات جي مالڪ جي اڳيان (حساب ڪتاب ڏيڻ لاءِ) بيٺي هوندي“. انسان هن غلط فهمي ۾ مبتلاء نه رهي ته هيءُ مِرٽئي ڍيڄاريو پيو وڃي. اهو ڏينهن ضرور ايندو ۽ اهو ئي اصل ڪٽڻ ۽ هارائڻ جو (يعني فيصلي جو) ڏينهن هوندو. جيئن قرآن ڪريم جا لفظ آهن: ﴿يَوْمَ يَجْمَعُكُمْ لِيَوْمِ الْجَمْعِ ذٰلِكَ يَوْمُ التَّغَابُنِ﴾ (التغابن[64]: 9).... هي انذار آهي ۽ اهو ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي جدوجهد جو شروعاتي نقطو آهي. پر وڃڻو ڪيڏانهن آهي، آخري منزل ڪهڙي آهي؟ ان جي وضاحت اڳيان ايندڙ آيت ۾ ڪئي وئي آهي: ﴿وَ رَبَّكَ فَكَبِّرْ﴾ يعني اها منزل آهي تڪبيرِ ربّ! توهان پاڻ غور ڪريو ته ٽيويهن سالن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ

جن تڪبيرِ ربّ ڪري ڇڏي هئي يا نه؟ اهو مجٺو پوندو ته جزيري نما عرب (Arab Peninsula) ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن اهو نظام قائم ڪري ڇڏيو هو جنهن ۾ اعلىٰ اختيار (Supreme Authority) ۽ حاڪميت مطلق جو مالڪ صرف ۽ صرف الله عَزَّوَجَلَّ ئي کي تسليم ڪيو ويو هو.

هيءَ ڳالهه ذهن ۾ رهي ته تڪبيرِ ربّ جي ذميداري حضور ڪريم ﷺ جن کي رسالت جي مرتبي تي مقرر ڪرڻ مهل (وقت) ئي عطا ڪئي وئي هئي. آئون هيءَ ڳالهه ان ڪري ڪريان پيو جو ڪجهه مفسرين جي هيءَ راءِ آهي ۽ مونکي به ان سان اتفاق آهي ته پهرين وحي يعني سورة العلق جي پهرين پنجن آيتن سان پاڻ ڪريم ﷺ جن جي نبوت جو آغاز ٿيو ۽ ٻي وحي يعني سورة المدثر جي ابتدائي ستن آيتن سان پاڻ سڳورن ﷺ جن جي رسالت جو آغاز ٿيو هو. **والله اعلم!**

2) **اقامت دين:** انهيءَ ئي ذميداري لاءِ ٻي اصطلاح ”اقامت دين“ آهي. جيئن ته هڪ ٻي مڪي سورت سورة الشورىٰ[42] آيت 13 ۾ آئي آهي ته:

﴿اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَلَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ﴾

”دين کي قائم ڪريو ۽ ان باري ۾ تفرقي ۾ نه پئو“

سوال آهي ته قائم ڪهڙي شيء کي چئبو آهي؟ قائم ان شيء کي چئبو آهي جيئن ته قائم يعني بيٺي هجي. زمين تي پيَل شيء کي قائم نه چيو ويندو آهي. جيئن ته ڪا شي زمين تي ڪِري پوي ته چيو ويندو آهي ته ان کي بيهاريو يعني قائم ڪريو. دين جيڪڏهن پهرين کان قائم آهي ته ان کي قائم رکڻ اهل دين (يعني مسلمانن) جي ذميواري ٿيندي. ۽ جيڪڏهن دين جي عمارت ڪِري پئي هجي ته ان جي مڃڻ وارن (مسلمانن) کان اهو تقاضا آهي ته ان کي بيهارين يعني ان کي قائم ڪن. انهي دين جي مطابق معيشت جو نظام ۽ معاشرت جو نظام رائج هجي. انهيءَ جي مطابق ئي حڪومت ۽ سياست جو نظام قائم هجي. جيڪڏهن اِها صورت آهي ته ﴿اَقِيْمُوا الدِّيْنَ﴾ جو تقاضو پورو ٿي رهيو آهي ۽

جيڪڏهن اها صورت نہ آهي تہ پوءِ سمجهي ڇڏيو تہ محض تلاوت ۽ واڪاڻون بيان ڪرڻ لاءِ هي دين نازل نہ ڪيو ويو آهي — ڏسو سورة المائدة[5] آيت 68 ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ فرمائي ٿو:

﴿قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لَسْتُمْ عَلٰى شَيْءٍ حَتّٰى تُقِيْمُوا التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ﴾

”اي نبي ﷺ ! چڱيءَ طرح) چئي ڇڏيو تہ اي اهل ڪتاب! توهان هرگز ڪنهن اصل تي نہ آهيو جيستائين توهان تورات ۽ انجيل کي ۽ بين ڪتابن کي قائم نہ ڪريو جيڪي توهان جي رب جي طرف کان توهان تي نازل ڪيا ويا آهن.“

هتي ساڳيو ئي لفظ اقامت (قائم ڪرڻ) آيو آهي. هاڻي هن آيت ۾ سمجهڻ خاطر ”يَا اَهْلَ الْكِتَابِ“ جي جاءِ تي ”يَا اَهْلَ الْقُرْاٰنِ“ ۽ تورات و انجيل جي جاءِ تي ” الْقُرْاٰن“ رکي ڏسو تہ ڳالهہ هيئن ٿيندي ”يَا اَهْلَ الْقُرْاٰنِ لَسْتُمْ عَلٰى شَيْءٍ حَتّٰى تُقِيْمُوا الْقُرْاٰنَ“ تہ اي قرآن وارئو، اي حاملانِ ڪتاب الله! توهان جي ڪا بہ حيثيت ڪانهي جيستائين توهان قرآن کي قائم نتا ڪريو. قرآن حڪيم جيڪڏهن واقعي ضابط حيات آهي، جيئن تہ في الواقع آهي، تہ ان کي نافذ ڪرڻ گهرجي. قرآن جيڪڏهن ڪو نظام ڏنو آهي، ۽ واقعي ڏنو آهي، تہ پوءِ اهو نظام قائم ٿيڻ کپي. هيءَ ”اقامت دين“ جي مختصر تشريح آهي جيڪا مکي دؤر جي ہي اصطلاح آهي.

3) يَكُوْنَ الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ: هيءَ ٽين اصطلاح مدني دؤر جي آهي جيڪا ٻن سورتن ”البقرة ۽ الانفال“ ۾ آئي آهي. سورة البقرة آيت 193 ۾ آهي:

﴿وَقٰتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ لِلّٰهِ﴾

”۽ جنگ ڪريو انهن (مشرڪن) سان ايسيتائين جو فتنو باقي نہ رهي ۽ دين الله ئي جي لاءِ ٿي وڃي!“

سورة الانفال[8] ۾ ڳالهه اجان وڌيڪ ٿي آهي. الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی فرمايو:

﴿وَقٰتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ﴾ (آيت: 39)

”۽ (مسلمانو!) توهان انهن سان جنگ جاري رکو جيستائين فتنو ٽڙي نه وڃي ۽ دين پوري جو پورو الله عَزَّوَجَلَّ ئي جي لاء نه ٿي وڃي!“

ائين نه ٿئي جو دين کي ٽڪڙن ۾ ورهائي ڇڏجي. — مسجدن ۾ نمازون به پڙهيون پيون وڃن، روزا به وڏي شوق ۽ اهتمام سان رکيا وڃن، زڪوات به جهڙي تهڙي ادا ڪئي وڃي، حج ۽ عمرا به وڏي ذوق ۽ شوق سان ڪيا وڃن، — پر ملڪ ۾ قائم حڪومت جي نظام ۾ ڪٿي به دين جو ڪو عمل دخل نه هجي! مالي معاملن کي اسين شريعت جي دائري اندر آڻڻ لاء ڪهڙيء طرح به تيار نه هجون بلڪ ان کان گريز ڪرڻ لاء بهانن جا ڍير لڳائي ڇڏيون، حدود ۽ تعزيراتِ اسلامي جي نفاذ جو فيصلو جيڪڏهن ڪري به ڇڏيون، ته به ان تي عمل لاء ڪا به اڳرائي نه هجي. ستر ۽ حجاب جي حڪمن جي باري ۾ اسان جي سوچ اها هجي ته اهي زماني جو ساٿ نٿا ڏئي سگهن تنهنجي ڪري انهن جي نفاذ جو سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي. بلڪ ان معاملي ۾ پوري فخر سان دين جي حڪمن جي خلاف ورزي ۾ اسان جا قدم اڳيان وڌندا وڃن ۽ مرد ۽ عورت ۾ برابري ۽ زندگيء جي هر ميدان ۽ هر شعبي ۾ پنهي کي برابر برابر موقعا ڏيڻ اسان جو نعرو (Slogan) ٿي وڃي، عورت جي تقدس کي اسين بازار جي وچ چوراهي تي نيلام ڪريون ۽ ان کي اشتهار ۽ تشهير جي جنس ٺاهي ڇڏيون.

اسان جو حال ته ايترو هلڪو آهي جو صدر ايوب جي دؤر حڪومت ۾ جيڪي عائلي قانون (يعني گهريلو زندگيءَ متعلق قانون) بذريعي آرڊيننس جاري ٿيا هئا جن جون اڪثر شِقون پاڪستان جي موجوده تمام فرقن جي عالمن متفق طور تي اسلام جي خلاف قرار ڏنيون هيون،

انهن کي قانوني طرح سان شريعت ڪورٽ ۾ بحث نٿو ڪري سگهجي، ان ڪري جو خبر آهي تہ شريعت ڪورٽ خلافِ شريعت شِقن کي برداشت نہ ڪندي ۽ اهڙي طرح مغرب کان متاثر ۽ اِباحت پسند (حرام کي جائز ڪرڻ وارن) مردن ۽ عورتن جي هڪ  ننيڙي پر بااثر طبقي جي ناراضگيءَ جو خوف آهي ۽ ان طبقي کي مطمئن رکڻ ضروري آهي. جڏهن تہ اسان کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي ناراضگيءَ کان وڌيڪ انهيءَ مغرب زده ۽ اِباحت پسند طبقي جو خوف آهي. ان جو مطلب اهو ٿي آهي تہ اسان دين جا ٽڪڙا ٽڪڙا ڪري ڇڏيا آهن. ستم ظريفي ڏسو تہ ”شريعت ڪورٽ“ جي نالي سان هڪ ادارو قائم ڪيو ويو پر طئي ڪيو ويو تہ ”فلاڻا فلاڻا“ معاملا انهيءَ ڪورٽ جي دائري کان ٻاهر آهن ايتري تائين جو گهريلو زندگيءَ متعلق قانون بہ انهيءَ ڪورٽ جي حد ۾ نٿا اچن. جڏهن تہ قرآن حڪيم سڀ کان وڌيڪ گهريلو زندگيءَ جي متعلق قانونن تي تفصيلي بحث ڪيو آهي ۽ اها تفصيل هڪ بہ سورت ۾ نہ پر گهٽ ۾ گهٽ ٽي سورتن ۾ پکيڙيل آهي. گهريلو زندگيءَ متعلق اسان جا هي قانون اُهي آهن جن کي ڪڏهن انگريزن بہ گهٽ وڌ نہ ڪيو. اها هڪ روشن حقيقت آهي تہ انگريزن اسان جي Personal laws کي هٿ بہ نہ لاتو. اها اسان جي بدبختي آهي تہ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ اسلام جي گهريلو قانونن جي ڪٽ ست ڪئي وئي. هڪڙي مارشل لاء (Martial law) ۾ هي بگڙيل غير اسلامي قانون نافذ ٿيا ۽ ٻي مارشل لاء ۾ انهن بگڙيل قانونن کي تحفظ ڏنو ويو. ڪيترو نہ افسوس جو مقام آهي تہ جيڪو ڪم غيرن (انگريزن) اسان جي غلاميءَ جي دؤر ۾ نہ ڪيو اهو اسان جي پنهنجن آزادي ملڻ کان پوءِ پنهنجن هٿن سان ڪيو.

اِئين هيءَ ٽين اصطلاح اسان جي سامهون سورة البقره ۽ سورة الانفال جي ٻن آيتن جي حوالي سان هيئن سامهون آئي تہ دين سڄي جو سڄو الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي لاءِ هجي. جيئن مون عبادت جي متعلق عرض

ڪيو هو تہ عبادت اُهائي ٿيندي جيڪا پوري زندگيءَ تي محيط هجي. اهڙي طرح ”اقامت دين“ جي باري ۾ اهو چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏيو تہ هيءَ اقامت پوري ۽ مڪمل دين جي ٿيندي. اهو نہ تہ هڪ حصو (يا حڪم) اسان کي پسند ڪونهي، ان کي ادا ڪرڻ مشڪل آهي، تنهنجي ڪري اهو قائم نہ ڪريون. ۽ جيڪو حصو اسان کي پسند آهي ۽ آسان آهي صرف اهو قائم ڪريون. اِها الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي اطاعت ڪونہ ٿي بلڪ اِها تہ پنهنجي نفس جي خواهش آهي جنهن جي پيروي ڪئي پئي وڃي.

4) **غلبہ دينِ حق:** هي هن سلسلي جي چوٿين ۽ عظيم اصطلاح آهي جيڪا سورة الصف[61] جي مرڪزي آيت ۾ بيان ٿي آهي. هن آيت جو اصل موضوع ئي ”غلبه دين حق“ آهي. ارشاد آهي:

﴿هُوَ الَّذِیْۤ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰی وَدِیْنِ الْحَقِّ لِیُظْهِرَهٗ عَلَی الدِّیْنِ كُلِّهٖ﴾ (آيت: 9)

”اهو ئي (الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ) آهي جنهن پنهنجي رسول ﷺ کي الهدىٰ ۽ دينِ حق ڏئي موڪليو تہ جيئن هو غالب ڪري ڇڏي ان کي سڀني دينن (يا سڀني اطاعت جي نظامن) تي“

هي لفظ هڪ ذري جي بہ تبديلي بغير سورة الصف کان علاوه سورة التوبہ[9] ۽ سورة الفتح[48] ۾ بہ آيا آهن. سورة التوبہ ۽ سورة الصف جي آيتن جي آخري حصي ۾ هي لفظ آيا آهن تہ: ﴿وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ﴾ ۽ سورة الفتح ۾ ﴿وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا﴾ جا لفظ آيا آهن. اهڙيءَ طرح هنن ٽنهي جڳهين جي حوالي سان ”اظهارُ دينِ الحقِّ على الدّين كُلِّهٖ“ جي اصطلاح سامهون اچي ٿي.

توهان ڏسندائو تہ اصطلاحون ڳريون ٿينديون پيون وڃن. اهو ئي سبب آهي جو مون حقيقي ڳالهين کي تمام آسان لفظن ۾ توهان جي سامهون رکيو. انهن جو وري بہ ورجاء (Repeat) تو ڪريان. پهرين ڳالهہ

هيءَ آهي تہ دين تي پاڻ پورو عمل ڪريو ۽ ان تي جمي بيهو. ٻي ڳالهہ هيءَ تہ دين کي پکيڙيو ۽ ٽين ڳالهہ هيءَ تہ دين کي قائم ڪريو. هي آهن ٽي فرض جيڪي اسان تي دين جي طرفان لاڳو آهن. ڪلمہ شهادت کي انهن سڀني فرضن جي لاءِ بنياد جي حيثيت حاصل آهي ۽ نماز، زڪوٰة، حج ۽ روزو ان جا چار ٿنڀا آهن. انهن چئني ٿنڀن تي هيءَ ٽِماڙ (Three Storied) عمارت بيٺي آهي. اهم ترين دين جي اصطلاحن جي حوالي سان انهن ٽنهين منزلن کي هي نالا ڏنا ويندا. (1) عبادتِ رب (2) شهادت علیٰ الناس ۽ (3) اقامتِ دين. جيڪڏهن اوهان جي ذهن ۾ دين جي فرض جو هيءُ تصور موجود آهي تہ هڪ بنيادي خاڪو مڪمل ٿي ويو آهي ۽ جيڪڏهن هي نہ آهي ۽ ذهن ۾ صرف نماز، زڪوات، حج ۽ روزو ئي آهن تہ پوءِ ٿنڀا ئي ٿنڀا آهن، ڇت تہ توهان جي سامهون آهي ئي ڪونہ. بغير ڇت جي جيڪي ٿنڀا هوندا آهن اُهي تہ صرف هڪ يادگار جي لاءِ بيٺا هوندا آهن باقي انهن جو ڪو استعمال نہ هوندو آهي. اهي آثار قديمہ تہ ٿي سگهن ٿا پر ڪو بہ مقصد حاصل نٿا ڪري سگهن. تنهنجي ڪري دين جي فرضن جي عمارت جو خاڪو چڱيءَ طرح ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو تہ اسلام جي رڪنن يعني ڪلمہ شهادت، نماز، زڪوات، حج ۽ روزي تي اسلام، اطاعت ۽ عبادتِ ربّ جي پهرين منزل نهندي آهي. تبليغ و دعوت، امر بالمعروف و نهي عن المنڪر ۽ شهادت علیٰ الناس ان جي ٻي منزل آهي جڏهن تہ تڪبيرِ ربّ، اقامتِ دين، دين پوري جو پورو الله جي لاءِ ئي هجي ۽ اظهارِ دينِ حق يعني هن دينِ حق کي غالب ۽ قائم ڪيو وڃي، هيءَ ٽين منزل آهي. هيءُ خاڪو پنهنجي ذهن ۾ رکندائو تہ پوءِ توهان جي سامهون صحيح تصور ايندو تہ اسان جو دين اسان کان ڇا ٿو گهري؟ اسان جا ديني فرض ڪهڙا آهن؟ يا ائين چئجي تہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جا هڪ مؤمن بندي کان ڪهڙا مطالبا آهن؟

(هن ٽن منزلن واري عمارت جو خاڪو ايندڙ صفحي تي ڏنل آهي)

# دين جي فرض جو جامع تصور



# دين جي فرض جون ٽي لازمي ضرورتون

## پهرين لازمي ضرورت: جهاد

هاڻي اچو انهن ٽنهي معاملن ڏانهن جن جي حيثيت انهن فرض جي ضرورتن يعني لازمي تقاضن جي آهي. انهن مان پهرين لازمي تقاضي کي آسان لفظن ۾ بيان ڪجي ته اها ٿيندي ڪوشش ۽ ڪشمڪش. غور ڪريو ته ڪوشش ۽ محنت کان سواءِ ڇا ڪي منزلون حاصل ڪري سگهجن ٿيون؟ هرگز نه! بلڪ صرف ڪوشش ۽ محنت سان به ڪم نٿو ٿئي، ان ڪري جو هتي ڪا خالي جاءِ ته آهي ئي ڪونه، توهان جيڪڏهن پنهنجن نظرين مطابق ڪوشش ڪري رهيا آهيو ته ٻيا ماڻهو به ته آهن جيڪي پنهنجن پنهنجن نظرين لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. انهيءَ ڪري ڪوشش، ڪوشش سان ٽڪراءُ کائيندي. جڏهن ڪوششون پاڻ ۾ ٽڪرائينديون آهن ته ان جو نالو هوندو آهي ”ڪشاڪش“. جنهن کي عام طور تي ”ڪشمڪش“ به چيو وڃي ٿو. ان ڪشمڪش يا ڪشاڪش لاءِ ديني اصطلاح ”جهاد“ آهي. هي جهاد اُهو پهريون لازمي عمل آهي ته جيڪڏهن هي هوندو ته دين جا اُهي ٽيئي بنيادي تقاضا پورا ٿيندا جيڪي اسان جي سامهون آيا آهن. جيڪڏهن نه هوندو ته پوءِ اِهي تقاضا پورا نه ٿيندا. هاڻي هن لفظ ”جهاد“ کي انهن ٽنهي بنيادي تقاضن جي حوالي سان سمجهو:

1) **جهاد مع النفس:** دين جي فرض جي پهرين سطح يعني اسلام، اطاعت، تقويٰ ۽ عبادت جي سطح تي جهاد ڪنهن سان ٿيندو؟ جواب آهي: پنهنجي نفس سان— پنهنجي نفس کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو مطيع (۽ فرمانبردار) ڪرڻ لاءِ ڪشاڪش ڪرڻي پوندي. ان ڪري جو نفس ته ڪنهن ٻئي پاسي زور لڳائيندو رهندو آهي. قرآن ڪريم ۾ آهي ته: ﴿إِنَّ النَّفْسَ لَأَمَّارَةٌ بِالسُّوْءِ﴾ (يوسف[12]: 53)، اهو نفس حرام ڏانهن ڊوڙي ٿو، توهان کي ان کي روڪڻو پوندو. ان جي اندر خواهشن جو بي لغام

گهوڙو آهي، توهان کي ان کي لغام ڏيڻو پوندو. صبح ٿي ويو آهي، اذان اچي وئي، الله عَزَّوَجَلَّ جو سڏ پهچي ويو آهي ۽ نفس چوي ٿو تہ ستو پيو هج. ان سان ڪشمڪش يعني جدوجهد ڪندائو ۽ ان تي غالب ٿيندائو تہ پوءِ نماز لاءِ اٿي بيهي سگهندائو. جيڪڏهن ان کي زير نہ ڪندائو تہ نماز لاءِ نہ اُٿي سگهندائو! جيڪڏهن ان وقت ٿورڙو پاسو ورائي چادر مٿان وجهي سوچيو تہ اجان ٿوري دير سمهي پوءِ ٿو اُٿان تہ پوءِ اُٿڻ ناممڪن آهي. اهائي ڪشاڪش ۽ ڪشمڪش دراصل جهاد جي پهرين ۽ اهم ترين سطح آهي. حضرت فضاله بن عبيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو : ﴿اَلْمُجَاهِدُ مَنْ جَاهَدَ نَفْسَهٗ﴾[(1)].

حضرت ابوذر غفاري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم کان پڇيو ((اَیُّ الْجِهَادِ اَفْضَلُ یَارَسُوْلَ اللّٰہِ؟)) ”اي الله جا رسول صلي الله عليه وسلم ! بهترين جهاد ڪهڙو آهي؟“ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: ﴿اَنْ تُجَاهِدَ نَفْسَكَ وَهَوَاكَ فِیْ ذَاتِ اللّٰہِ عَزَّوَجَلَّ﴾[(2)] ”پنهنجي نفس ۽ خواهشن کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جو مطيع ڪرڻ لاءِ جهاد ڪرڻ“ هڪ موقعي تي پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن روزمره جي معاملن کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي حڪمن جي تابع ڪرڻ کي ”**جهاد اڪبر**“ چيو آهي. ۽ هي موقعو اُهو هو جڏهن پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن تبوڪ جي سفر تان واپس اچي رهيا هئا جنهن کان وڌيڪ طويل ۽ شديد گرمي جي موسم ۾ سخت ترين سفر ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو. هڪ روايت مطابق هن سفر ۾ مديني ڏانهن واپسي تي رهي هئي تہ ان موقعي تي پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: ﴿رَجَعْنَا مِنَ الْجِهَادِ الْاَصْغَرِ اِلَی الْجِهَادِ الْاَکْبَرِ﴾[(3)]

(1) سنن الترمذی: 1621 ’کتاب الجهاد‘ باب ما جاء فی فضل من مات مرابطاً۔

(2) حلية الاولياءلابی نعيم 282/2۔ السلسلة الصحيحة للالبانی ‘ ح 1496۔

(3) المستدرک علی المجموع لابن تيمية 221/1. مجموع الفتاوی لابن تيمية 197/11. السلسلة الضعيفة للالبانی‘ ح 249. ائمہ حديث هن حديث کي انتهائي غريب ۽ ضعيف قرار ڏنو آهي ۽ اڪثرن ان جي باري ۾ لکيو آهي: لا اصل لہ۔ (مرتب)

”اسين جهاد اصغر کان جهاد اڪبر ڏانهن موٽي آيا آهيون“. يعني ماڻهو ائين نہ سمجهن تہ دشمنن سان مقابلو ۽ ڪشمڪش ئي جهاد آهي بلڪ هي جيڪو اسان جي اندر وينل دشمن ”اسان جو نفس“ آهي، اهم ترين ڪشمڪش تہ ان سان ڪرڻي پوندي آهي. هن گفتگو جو نتيجو اهو نڪتو تہ جهاد جي پهرين سطح ۽ ان جو پهريون مرحلو ”جهاد مع النفس“ آهي يعني پنهنجي نفس سان ڪشمڪش ۽ مقابلو ڪرڻ!

**2) جهاد بالقرآن:** دين جي فرض جي ٻئي مرحلي يعني تبليغ، دعوت، امر بالمعروف و نهي عن المنڪر ۽ شهادت علیٰ الناس جي سطح تي جهاد جي صورت ڪهڙي هوندي؟ ڏسو! جيڪڏهن توهان دين جي تبليغ ڪري رهيا آهيو ۽ ان جي دعوت ڏئي رهيا آهيو تہ الحاد، دهريت، مادوپرستي، فسطائيت، اشتراڪيت ۽ ٻين باطل دينن ۽ مذهبن جا مبلغ بہ تہ هن معاشري ۾ موجود آهن. توهان جيڪڏهن اسلام جا قائل آهيو تہ ڪفر جون طاقتون بہ تہ هتي ئي موجود آهن. دعوت ۽ تبليغ جي سطح تي انهن سان ڪشمڪش ۽ ڪشاڪش ٿيندي. البت هيءَ ڪشاڪش نظرياتي، خيالات، فڪر ۽ فلسفي جي سطح تي ٿيندي.— هن ڪشاڪش ۾ مالي، جسماني ۽ جاني قربانيون ڏيڻيون پونديون. رسول الله ﷺ جڏهن توحيد جي دعوت ڏئي رهيا هئا تہ پاڻ ڪريم ﷺ جي مقابلي ۾ ابوجهل ۽ ان جا ساٿي شرڪ ۽ بت پرستيءَ جا علمبردار ٿي بيٺا هئا تہ پوءِ هنن جي وچ ۾ ڪشاڪش ٿي يا نہ؟ بس تبليغ ۽ دعوت، امر بالمعروف و نهي عن المنڪر ۽ شهادت علیٰ الناس جي فرض ڪي ادا ڪرڻ لاءِ جڏهن محنت، ڪوشش ۽ جدوجهد ڪندائو تہ جيڪڏهن توهان جو خيال آهي تہ توهان کي ڏسندي ئي ڪفر ۽ الحاد ميدان ڇڏي ڀڄي ويندا تہ اهو محض هڪ مغالطو آهي. چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏيو تہ توهان کي ڪشمڪش ۽ ڪشاڪش سان واسطو پوندو. هاڻ مرحلو تمام گهڻو ڏکيو ٿي ويو. پهرين تہ پنهنجي اندر ۾ ڪشاڪش وارو معاملو هو يعني جهاد مع النفس هو هاڻي دعوت ۽ تبليغ جي لاءِ، امر بالمعروف و

نهي عن المنڪر جي لاءِ ۽ شهادت عليٰ الناس جي لاء توهان کي باطل سان، الحاد سان، اِباحت سان ۽ سيني باطل نظرين سان جهاد ڪرڻو پوندو ۽ ڪشمڪش ڪرڻي پوندي.

هن جهاد ۽ ڪشاڪش ۾ تلوار ڪهڙي هلندي؟ ان جي باري ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَى سورة الفرقان ۾ فرمايو: ﴿وَجَاهِدْهُمْ بِهٖ جِهَادًا كَبِيْرًا﴾ (آيت:52)

”اي نبي ﷺ! هِنن ڪافرن سان جهاد ڪريو هِن (قرآن) سان، زبردست جهاد“. هتي ”بِهٖ“ جي ضمير قرآن ڏانهن آهي. فرمايو پيو وڃي ته اسان توهان جي هٿ ۾ قرآن ڏنو آهي. هيءَ اُها تلوار آهي جيڪا هر باطل نظريي جو ڪَنڌ ڪٽي ڇڏيندي. هڪ تلوار لوهه جي هوندي آهي ان جو ذڪر اڳتي هلي ايندو، قرآن به هڪ تلوار آهي. علامه اقبال انهيءَ کي تمام سني طريقي سان بيان ڪيو آهي. هو چوي ٿو ته نفس ۽ شيطان سان ڪشمڪش ڪرڻ لاء هي قرآن حڪيم ئي تلوار جو ڪم ڪندو:

ڪشتن ابليس ڪارے مشکل است
زانکه او گم اندر اَعماقِ دل است
خوشتر آں باشد مسلمانش کنی
کشتۂ شمشیر قرآنش کنی!

**”ابليس کي مارڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي اُن ڪري جو هو انسان جي دل جي گهرائين ۾ اندر روپوش ٿي وڃي ٿو. تنهنڪري بهتر ائين آهي ته تون ان کي مسلمان ڪر، ۽ (ان جو طريقو هي آهي ته) تون هن کي قرآن جي تلوار سان زخمي ڪر!“**

اهڙيءَ طرح نفسِ اماره کي به مارينديِن ته قرآن جي تلوار سان مارينديِن. هونئن اهو ڪونه مرندو، ۽ شيطان سان وڙهڻ لاء به اِهائي تلوار ڪم ايندي جيڪا الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي هٿن ۾ قرآنِ حڪيم جي صورت ۾ ڏني آهي ۽ جيڪو محمد رسول الله ﷺ جن جو سيني کان

وڏو معجزو آهي جنهنکي اسان ”مقدس ڪتاب“ ڪري ڪپڙن ۾ ويڙهي ڪٻٽن ۽ تختن تي مٿي رکي ڇڏيو آهي. هيءُ آهي جهاد جي ٻي سطح، يعني فڪري ۽ نظرياتي سطح تي ڪشاڪش ۽ تصادم، حق جي ڳالهه کي مٿانهون ڪرڻ يعني حق کي حق ثابت ڪرڻ ۽ باطل کي غلط ثابت ڪرڻ جي لاءِ جان ۽ مال سان ڪوشش ۽ جدوجهد ڪرڻ. ان جي لاءِ زبان به استعمال ٿيندي ۽ قلم به. ان ۾ تبليغ جا سيئي ذريعا ۽ نشر و اشاعت جا سيئي وسيلا استعمال ٿيندا ۽ انهن سيني جي ذريعي قرآن حڪيم جي دعوت ۽ ان جي پيغام کي ڦهلايو ويندو.

**3) قتال في سبيل الله:** ٽين سطح يعني الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی جي دين کي بالفعل قائم ۽ نافذ ڪرڻ جي مرحلي تي هي جهاد چوٽيءُ تي پهچي وڃي ٿو. ۽ هي جهاد جو ٽيون ۽ سيني کان مٿانهون مرحلو آهي. هن مرحلي ۾ باطل جي علمبردارن سان ڪشاڪش ۽ تصادم ٿيندو. دعوت ۽ تبليغ جي مرحلي ۾ ڪشاڪش ۽ تصادم باطل نظرين سان هو پر هاڻي جڏهن دين کي قائم ڪرڻ جو مرحلو ايندو ته هي ڪشاڪش ۽ تصادم صرف باطل نظرين سان نه پر باطل جي علمبردارن ۽ باطل جي طاقتن سان ٿيندو. ان ڪري جو اُهي هر رستي ۾ رڪاوٽون پيدا ڪندا، اُهي هرگز اهو ڪونه چوندا ته نيڪ آهي اسين پري ٿا ٿي وڃون توهان اچو ۽ اچي پنهنجو دين قائم ۽ نافذ ڪريو! ”ایں خیال است و محال است و جنوں!“ هر باطل نظام سان خصوصي طبقن (Privileged Classes) جا مفاد ڳنڍيل هوندا آهن. اهڙن طبقن جي هٿ ۾ ملڪ جي معاملن جو اختيار هوندو آهي. ته ڇا اهڙا سيئي طبقا ڪڏهن اهو برداشت ڪندا ته توهان اهو هلندڙ نظام جيڪو انهن جي مفادن سان ڳنڍيل آهي، ان کي بدلائي دين جو نظام پوري طرح قائم ڪريو؟ اُن ڳالهه کي اِهي طبقا آسانيءَ سان ڪڏهن به برداشت ڪونه ڪندا. تنهنڪري انهن سان لازمًا مقابلو ڪرڻو پوندو. ان مقابلي جون به مختلف سطحون آهن. پهرين سطح صبر و

مصابرت ۽ استقامت (Passive Resistance) جي آهي. ٻي سطح اقدام (Active Resistance) جي آهي، جڏهن ته ٽين سطح تصادم (Armed Conflict) جي آهي.

حق ڳالهائڻ وارا جيڪڏهن ڪمزور هجن، ته جيسيتائين طاقت حاصل نه ٿي وڃي انهن کي صبر محض (خالص صبر) جي طريقي تي عمل ڪرڻو پوندو. مار کائيندا ته ٻه هٿ نه کڻندا، چو ته حڪمت انهيءَ ۾ ئي آهي. مڪي ۾ انهيءَ حڪمت تي ئي عمل ٿيندو رهيو. اتي ايمان وارن کي اهو ئي حڪم هو ته تڪليفون برداشت ڪريو، ظلم ۽ زيادتي برداشت ڪريو پر هٿ نه کڻو. هي آهي صبر و مصابرت يعني Passive Resistance — ۽ جڏهن طاقت حاصل ٿي وڃي ته پوءِ انهن کي اجازت آهي ته سِر جو جواب پٿر سان ڏين. تنهنڪري اُهي ساڳيا ئي مسلمان جيڪي مڪي ۾ ظلم جي جواب ۾ هٿ نه کڻي رهيا هئا، مديني ۾ انهن جا هٿ کلي ويا ۽ انهن کي قتال جي اجازت ڏني وئي. قرآن حڪيم ۾ آهي:

﴿أُذِنَ لِلَّذِينَ يُقَٰتَلُونَ بِأَنَّهُمۡ ظُلِمُواْۚ وَإِنَّ ٱللَّهَ عَلَىٰ نَصۡرِهِمۡ لَقَدِيرٌ﴾
(الحج[22]: 39)

”اجازت ڏني وئي انهن ماڻهن کي جن جي خلاف (ڪافرن جي طرفان) جنگ ڪئي پئي وڃي، چو ته اهي مظلوم آهن، ۽ بيشڪ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ انهن جي مدد تي قادر آهي“

هيءَ ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏيو ته هن ڪشمڪش جو آخري مرحلو مسلح تصادم (هٿياربند ٽڪراءُ - Armed Conflict) آهي يعني ”قِتال في سبيل الله“. ۽ هي جهاد جي چوٽي آهي. سورة الصف ۾ واضح طور فرمايو ويو آهي ته اِها ئي چوٽي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي محبوبيت جو مقام آهي. قرآن حڪيم فرمائي ٿو :

﴿إِنَّ ٱللَّهَ يُحِبُّ ٱلَّذِينَ يُقَٰتِلُونَ فِي سَبِيلِهِۦ صَفّٗا كَأَنَّهُم بُنۡيَٰنٞ مَّرۡصُوصٞ﴾
(الصف[61]: 4)

”يقينًا الله تَبَارَكَ وَتَعَالَى کي تہ پنهنجا اُهي ٻانها محبوب آهن جيڪي ان جي راھ ۾ جنگ ڪندا آهن ائين صفون ٻڌي جڻ اهي شيهو پلٽيل پِٽ آهن“

هتي آئون هڪ حديث جو حوالو ڏيان ٿو. حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم جن فرمايو:

﴿مَنْ مَاتَ وَلَمْ يَغْزُ وَلَمْ يُحَدِّثْ بِهٖ نَفْسَهٗ مَاتَ عَلٰى شُعْبَةٍ مِنَ النِّفَاقِ﴾[1]

”جيڪو ماڻهو ان حال ۾ مري ويو تہ نہ اُن (الله جي راھ) ۾ جنگ ڪئي ۽ نہ ئي ان جي دل ۾ ان جي خواهش ئي پيدا ٿي تہ اهو هڪ قسم جي نفاق ۾ مئو“

تنهنجي ڪري دل ۾ اها خواهش ضرور رکجي. جيڪڏهن دل ۾ واقعي ايمان موجود آهي تہ هيءَ آرزو ضرور هجي تہ ڪو اهڙو وقت اچي تہ جيئن خالصتًا الله جي دين کي قائم ڪرڻ لاءِ اسين الله جي راھ ۾ پنهنجيون جانيون قربان ڪري سرخرو ٿي وڃون. جيڪڏهن هن تمنا کان اسان جون دليون خالي آهن تہ پوءِ اسان جي اندر ۾ نفاق آهي. آئون وري بہ عرض ڪندس تہ هيءَ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم جن جي فتوىٰ آهي.

**(ٿنهي منزلن تي مختلف قسمن جي جهاد متعلق خاڪو ايندڙ صفحي تي ڏنل آهي)**

﴿اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ثُمَّ لَمْ يَرْتَابُوْا وَ جٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ﴾ (حجرات[49]: 15)

”ايمان وارا تہ صرف اُهي آهن جن الله ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم تي ايمان آندو، پوءِ شڪ ۾ نہ پيا ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجي مالن ۽ پنهنجي جانين سان جهاد ڪندا رهيا، اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جيڪي (ايمان جي دعويٰ ۾) سچا آهن.“

(1) صحيح مسلم: 4931،كتاب الامارة، باب ذم من مات ولم يغز ولم يحدث نفسه بالغزو۔

## ٻي لازمي ضرورت: التزامِ جماعت

ديني فرض جي سلسلي ۾ ٻي لازمي تقاضا التزامِ جماعت (اجتماعيت سان ڳنڍجڻ) آهي. ڪير آهي جيڪو پنهنجي هوش ۽ حواس هوندي اها ڳالهه چئي سگهي ته هي ڪم انفرادي تي سگهن ٿا؟ ڪو هڪ به سليم العقل انسان اهڙو نٿو ٿي سگهي جيڪو اها راءِ رکندو هجي ته هنن ڪمن ۾ جماعت جي ڪا به ضرورت نه آهي. جيڪڏهن هي ڪم يعني ”عبادتِ رب، اطاعت رب، شهات علىٰ الناس، امر بالمعروف و نهي عن المنڪر، اقامتِ دين ۽ اظهار دين الحق علی دین کله“ دين جا فرض آهن ته پوءِ انهن جي ادائگيءَ جي لاءِ لوازم (ضروري شين) جو شمار به فرضن ۾ ٿيندو. ڇو ته جيڪا شي فرض جي ادا ڪرڻ لاءِ لازمي آهي اها به فرض آهي. مثال طور: نماز پڙهڻ فرض آهي ۽ ان لاءِ وضو شرط آهي ته وضو به فرض ٿيو يا نه؟ حج يا عمري جي ادا ڪرڻ لاءِ احرام شرط آهي ته احرام به فرض ٿيو يا نه؟ تنهنجي ڪري التزام جماعت به لازم ۽ واجب آهي. نبي ڪريم ﷺ جن جو حڪم آهي جنهن کي حضرت حارث الاشعري رضي الله عنه روايت ڪيو آهي ته:

﴿اَنَا آمُرُكُمْ بِخَمْسٍ، اَللّٰهُ اَمَرَنِیْ بِهِنَّ : بِالْجَمَاعَةِ وَالسَّمْعِ وَالطَّاعَةِ وَالْهِجْرَةِ وَالْجِهَادِ فِیْ سَبِيْلِ اللّٰهِ﴾ [1]

(مسلمانو!) آئون توهان کي پنجن ڳالهين جو حڪم ڏيان ٿو، الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى مونکي انهن جو حڪم ڏنو آهي: التزامِ جماعت جو، (امير جو حڪم) ٻڌڻ ۽ مڃڻ جو، هجرت جو ۽ الله جي راهه ۾ جهاد جو!“

هجرت ڇا آهي؟ هر اها شيءِ ڇڏي ڏيڻ جيڪا الله عَزَّوَجَلَّ کي پسند ناهي.— جيئن رسول ڪريم ﷺ کان پڇيو ويو يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ اَیُّ الْهِجْرَةِ

(1) مسند احمد. ۱۳/۴ و سنن الترمذی، کتاب الامثال، باب ما جاء فی مثل الصلاة والصيام والصدقة۔

اَفۡضَلُ؟ تہ پاڻ سڳورن ﷺ جواب ڏنو: ((اَنۡ تَھۡجُرَ مَا كَرِہَ رَبُّكَ))[1] —

ايتري تائين جو جيڪڏھن اھڙو وقت اچي وڃي جو پنھنجو گھر ٻار ۽ وطن بہ ڇڏڻو پوي تہ انسان ان لاءِ بہ ھر وقت تيار ھجي ۽ اھا ھجرت جي چوٽي آھي. جيئن جهاد جي چوٽي قتال في سبيل الله آھي اھڙيءَ طرح ھجرت جي چوٽي الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي دين جي لاءِ وطن ڇڏڻ آھي. رھيو جهاد في سبيل الله تہ ان جي شروعات ”مجاھدہ مع النفس“ سان ٿئي ٿي ۽ ان جي چوٽي الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي راھہ ۾ قتال آھي. ۽ سيني کان پھرين شيءِ جنھن جو ھن حديث ۾ حڪم ڏنو ويو آھي اھو التزامِ جماعت آھي. ھيءَ آھي التزام جماعت جي فرضيت!

ھاڻي ھيءَ توھان جي سوچڻ جي ڳالھہ آھي تہ توھان ڪنھن اھڙي جماعت ۾ شامل آھيو يا نہ جيڪا اقامت دين لاءِ، دين کي قائم ڪرڻ لاءِ دين کي برپا ڪرڻ لاءِ ۽ دين کي شھادت علی الناس جي سطح تي دنيا ۾ ڦھلائڻ لاءِ قائم ڪئي وئي ھجي. باقي جيڪڏھن توھان رفاہ عام، خدمتِ خلق، تعليم جي اشاعت يا پنھنجي پيشي سان جڙيل مفادن جي تحفظ جي لاءِ ڪا انجمن، ڪو ادارو يا ڪا تنظيم ٺاھي ھجي تہ ان تي ”جماعت“ جو لفظ لاڳو نہ ٿيندو. ھن حديث مطابق تہ اھڙي جماعت مطلوب آھي جنھن جي وجود جو مقصد ئي الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي دين کي غالب ڪرڻ ھجي. جيئن علامہ اقبال چيو آھي:

ہم تو جیتے ہیں کہ دنیا میں ترا نام رہے
کہیں ممکن ہے کہ ساقی نہ رہے، جام رہے؟

۽

مری زندگی کا مقصد ترے دیں کی سرفرازی
میں اسی لیے مسلماں، میں اسی لیے نمازی

(2) سنن النسائی: 4170، کتاب البیعۃ، باب ھجرۃ البادی۔ عن عبد اللہ بن عمرو رضی اللہ عنھما۔

۽ هي ڳالهه بہ سمجهي ڇڏيو تہ اُن جماعت جو نظام ٺيٺ اسلامي اصول "سمع و طاعت" تي هجڻ گهرجي، جنهن جو حڪم بہ متي ذڪر ڪيل حديث ۾ "بِالسَّمۡعِ وَالطَّاعَةِ" جي لفظن سان آيو آهي. جيڪڏهن توهان اهڙي ڪنهن جماعت ۾ شامل نہ آهيو تہ دين جا هي جيڪي تقاضا آهن، اُهي جڻ توهان جي سامهون آهن ئي ڪونہ.

## ٽين لازمي ضرورت : بيعت

دين جي فرض کي ادا ڪرڻ لاءِ ٽين ضروري شيء هيءَ آهي تہ ان جماعت جو جيڪو نظام قائم هجي اُهو بيعت جي بنياد تي هجي. هي اهو واحد نظام آهي جيڪو اسان کي ڪتاب ۽ سنت ڏانهن رجوع ڪرڻ سان ملي ٿو. ڪتاب ۽ سنت ۾ مونکي هن کان سواءِ ٻيو ڪو بہ نظام ڪون مليو ۽ نہ ئي ڪير مونکي اڄ تائين ٻُڌائي سگهيو آهي. هاڻي هيءَ ڳالهه سمجهو تہ هيءَ بيعت آهي ڇا! بيعت مان مراد آهي تہ: هڪ ماڻهوءَ سان انهن ديني فرضن جي ادا ڪرڻ جي ارادي سان شخصي تعلق قائم ڪرڻ ۽ ان جي هٿ تي انهن فرضن کي پوري ڪرڻ لاء قول ۽ قرار ڪرڻ. مون شروع ۾ ئي لفظ "مريد" جي وضاحت ڪري ڇڏي هئي تہ مريد اهو آهي جيڪو ارادو ڪري. يعني اهڙو ماڻهو جيڪو پنهنجي اصلاح جي ارادي سان ڪنهن جي هٿ تي قول ۽ اقرار جي لاءِ بيعت ڪري. تنهنڪري شخصي اصلاح جي لاء بيعت ڪئي ويندي آهي. ۽ هي بيعت اسلام، اطاعت، تقويٰ ۽ عبادت جي تقاضن ۽ مطالبن کي پورو ڪرڻ لاء ڪنهن صالح ماڻهوءَ جي هٿ تي ٿيندي آهي. هيءَ بيعت "بيعتِ توبہ" يا "بيعتِ ارشاد و تزڪيہ" سڏجندي آهي.— ۽ جڏهن الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي دين جي تبليغ، دعوت، دين جي نشر و اشاعت، شهادت عليٰ الناس ۽ اقامتِ دين جهڙن عظيم فرضن کي ادا ڪرڻ ۽ ان جي لاء سمع و طاعت جي بنياد تي جماعت کي قائم ڪرڻ ۽ هجرت ۽ جهاد جا مرحلا سامهون هجن، تہ انهن جي ادائگيءَ جي لاءِ بہ اهڙي شخص جي

هٿ تي شخصي بيعت ٿيندي جيڪو ان ڪم جو پختو ارادو ڪري اُٿي بيٺو هجي. ۽ اِها بيعت ”بيعتِ الجهاد“ چئبي.

ماضي قريب ۾ برِ عظيم پاڪ و هند ۾ برپا ٿيڻ واري سيد احمد شهيد بريلوي رحمة الله عليه جي عظيم تحريڪ جيڪا ”تحريڪِ شهيدين“ (ٻن شهيدن جي تحريڪ) جي نالي سان مشهور ٿي، ان ڪري جو ان ۾ ٻي اهم شخصيت امامُ الهند حضرت شاهه ولي الله دهلوي رحمة الله عليه جو پوٽو شاهه اسماعيل شهيد رحمة الله عليه به شامل هو. باقي الله ڄاڻي ڪيترا هزار مسلمان ان تحريڪ ۾ شهيد ٿيا! هن تحريڪ جي نتيجي ۾ هن برِ عظيم پاڪ و هند ۾ خالصتًا الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي دين جي غلبي جي لاءِ جهاد ۽ قتال ٿيو. هن ۾ سيد احمد شهيد بريلوي رحمة الله عليه پهرين ”بيعتِ ارشاد“ ۽ پوءِ ”بيعتِ جهاد“ ورتي. — ۽ هن بيعتِ جهاد جي اُها آخري منزل به آئي جو هٿ ۾ تلوار کڻي ميدانِ جنگ ۾ قتال ڪيائون ۽ سِکن جي فوج جي هٿان ڪَنڌ ڪٽائي الله رب العزت جي بارگاهه ۾ سرخرو ٿيا.

﴿وَلَا تَقُوۡلُوۡا لِمَنۡ يُّقۡتَلُ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ اَمۡوَاتٌ ؕ بَلۡ اَحۡيَآءٌ وَّلٰـكِنۡ لَّا تَشۡعُرُوۡنَ﴾ (البقرة2: 154)

هن تحريڪ جو نظم شخصي بيعت تي قائم ٿيو هو، پر اڄ هي لفظ ”گار“ نهي ويو آهي. مون عرض ڪيو هو ته اسان وٽ لفظ ”مريد“ به بدنام ٿي ويو ۽ پوءِ الله ٿو ڄاڻي ته اسان دين جي ڪيترن ئي عظيم اصطلاحن کي بدنام ڪري ڇڏيو آهي. پر رڳو انهيءَ ڪري اسين دين جي ڪنهن به اصطلاح کي ان شاء الله نه ڇڏينداسون، بلڪ اسين ان ۾ اصل روح ڦوڪڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪنداسون.

هاڻي اجان وڌيڪ توجهه ڏيو، هڪ تمام ضروري ڳالهه عرض ڪري رهيو آهيان. اُها هيءَ ته توهان مان اڪثر ماڻهن کي اها خبر هوندي ته اسان وٽ ديني حلقن ۾ هيءُ تصور عام رهيو آهي ۽ اڄ به آهي ته

جيڪڏهن ڪنهن جي بيعت جو پتو توهان جي ڳچيءَ ۾ نہ آهي تہ معلوم ٿيو تہ دين جو صحيح تقاضو پورو ڪونہ پيو ٿئي. آئون چوان ٿو تہ اصل حقيقت هيءَ آهي تہ: ”**جيڪڏهن بيعتِ جهاد جي لاءِ توهان ڪنهن سان جُڙيل ڪونہ آهيو تہ دين جا اُهي تقاضا ۽ فرض جيڪي مون قرآن مجيد ۽ حديث مبارڪن مان اوهان جي سامهون چڱي تفصيل سان بيان ڪيا آهن، اُهي پورا نٿا ٿي سگهن.**“

ها البت هي ضرور آهي تہ جيئن تہ هن وقت ڪو بہ نبي ڪونهي، ڪوبہ معصوم ڪونهي، ان ڪري توهان کي پاڻ ئي ڳولهڻو پوندو تہ: آهي ڪو الله جو بندو جيڪو ”مَنۡ اَنۡصَارِیۡۤ اِلَی اللّٰہِ؟“ جي صدا لڳائيندو هجي ۽ انهن فرضن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو هجي ۽ اڳيان وڌي رهيو هجي! ۽ جيڪڏهن توهان جي دل ان تي مطمئن ٿي وڃي، ان جي فهم ۽ ان جي خلوص و اخلاص تي اوهان کي پورو اعتماد پيدا ٿي وڃي تہ ان سان گڏ جڙي ۽ ڳنڍجي وڃو!... آئون چوندو آهيان تہ اهڙيءَ طرح هزارين قافلا بہ نهي وڃن تہ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي، انهيءَ شرط سان تہ سيني جي منزل ساڳي هجي، جيڪڏهن ديني فرض جو تصور صحيح هجي يعني الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي ڪتاب ۽ ان جي رسول ﷺ جن جي سنت مطابق هجي تہ ان ۾ ڪوبہ حرج نہ آهي تہ هڪ ئي وقت ڪيترائي قافلا انهيءَ ئي تصور کي کڻي روان دوان ٿين. منزل تہ سيني جي هڪ ئي ٿيندي. منهنجي نظر ۾ سيني جو هڪ هجڻ هاڻي لازمي ڪونهي. سيني جو هڪ ٿيڻ صرف رسول سان گڏ لازم هوندو آهي. آئون ان جو مثال ڏيندو آهيان جڏهن حج جي ڏينهن ۾ منىٰ کان عرفات جي ميدان لاءِ سفر شروع ٿيندو آهي تہ ساڳئي وقت هزارين قافلا هلندا آهن جن مان هر هڪ جو جهنڊو الڳ الڳ هوندو آهي پر سيني جو رخ ڪنهن طرف هوندو آهي؟ عرفات ڏانهن! منزل تہ سيني جي هڪ ئي آهي ان ڪري جيڪڏهن هزارين قافلا بہ ٿي ويا تہ بہ ڪو حرج نہ آهي.

جيڪڏهن ڪو شريڪ سفر اهو محسوس ڪري ته ان جي قافلي وارن ۾ دين جي فرض جو صحيح ۽ مڪمل تصور ئي غائب ۽ مفقود آهي يا هي جيڪو رستو ورتو پيو وڃي ان جو رخ منزل ڏانهن صحيح نه آهي، بلڪ وڏي رستي کي ڇڏي ڪو ننڍڙو شارٽ ڪٽ اختيار ڪيو ويو آهي، جنهنجي ڪري منزل مقصود تائين جلدي پهچڻ بدران هي قافلو ان شارٽ ڪٽ جي اونداهين گهٽين ۾ اهڙو ڦلجي ويو آهي جو منزل ڏانهن ويندڙ اصل رستي کان بلڪل ڪٽجي ويو آهي، يا ڪنهن اڳواڻ تي دل مطمئن ڪونه پيو ٿئي ۽ اهو خدشو آهي ته هي ماڻهو صحيح نه آهي، يا مخلص نه آهي فقط دڪاندار آهي ته اهڙي صورت ۾ هو ڪنهن ٻئي کي ڳولهي، يا وري پاڻ بيهي صدا لڳائي ته ”مَنۡ اَنۡصَارِیۡۤ اِلَى اللّٰهِ“. پاڻ قافلي ناهڻ جي ڪوشش ڪري— هتي ڪنهن جي نيڪيداري نه آهي، سيئي حق ڪنهن جي نالي تي محفوظ نه آهن جو ٻيو ڪير قافلو ناهي ئي نٿو سگهي. آئون سمجهان ٿو ته ان ۾ ڪوبه حرج ڪونهي. جيڪڏهن نيت صاف هجي، دل ۾ خلوص هجي، ٻين سان جهيڙو ڪرڻ کان اجتناب هجي، سامهون منزل اقامتِ دين جي هجي ته پوءِ ڀلي سوين قافلا هجن يا هزارين، ڪو فرق نٿو پوي. خلوص ۽ اخلاص هوندو ته وقت اچڻ تي اهي پاڻ ۾ ڳنڍجندا ويندا.— ۽ جيڪڏهن هلڻو ئي ڪونهي ته پوءِ توهان به ٻيٺا آهيو ۽ اسين به ٻيٺا آهيون: ”زمیں جنبد، نہ جنبد گل محمد!“ (ڀلي زمين پنهنجي جڳهه تان هٽي وڃي پر گل محمد ڪونه هٽندو) — هي اُهو طرز عمل آهي جيڪو اڄڪلهه اسان جو آهي. ۽ ڪجهه ماڻهن جو طرزِ عمل ئي هي هوندو آهي ته: نه پاڻ هلنداسين نه ٻين کي هلڻ ڏينداسين. ته هر قسم جو طرزِ عمل توهان کي ملي ويندو. پر جنهن کي به هلڻو آهي ۽ ان جي هلڻ جي نيت آهي ته پوءِ ڪو قافلو ڳولهي ۽ جنهن تي به دل مطمئن ٿي وڃي ان ۾ شامل ٿي وڃي. ۽ ان کان پوءِ اکيون کليل رکي، ڪن کليل رکي، ڪابي ۽

ساڄي پاسي ڏسندو رهي ۽ جيڪڏهن ان کان بهتر قافلو ملي تہ ان پاسي لبيڪ چئي ان سان ملي وڃي. دنيا جي معاملن ۾ بہ تہ اسان جو طرزِ عمل اهو ئي آهي تہ ”ہے جستجو کہ خوب سے ہے خوب تر کہاں!“ — ائين تہ ڪونہ ٿيندو آهي جو توهان چئو تہ: آئون هڪڙو ڪاروبار شروع ڪري چڪو آهيان، ڇا ڪريان؟ ان ۾ تہ منافعو ئي ڪونہ آهي، جيڪڏهن آهي تہ بہ تمام ٿورو، حقيقت ۾ مونکي فلاڻو ڪاروبار ڪرڻ گهرجي ها. بلڪ توهان پنهنجو ڪاروبار بند ڪندائو ۽ ڪو ٻيو ڪم شروع ڪري ڇڏيندائو.

## حرف آخر:

ساٿيو! هي ڇهہ ڳالهيون مون اوهان جي سامهون رکيون آهن، انهن سان اسان جي اڳيان دين جي فرض جو هڪ صحيح ۽ جامع خاڪو اچي ويو آهي. ان کان علاوه باقي تہ سڀ تفصيلون آهن. جيڪڏهن خاڪو مڪمل نہ هوندو تہ توهان جو دين جي فرض جو تصور بہ مڪمل نہ هوندو. انهيءَ ڪري هڪ مڪمل ۽ جامع خاڪو سامهون هجڻ ضروري آهي. ان کان پوءِ اصل ضرورت قدم وڌائڻ جي آهي. جيڪڏهن توهان منزل مقصود جو تعين ڪري پنهنجي سفر جي شروعات ڪري ڇڏي تہ پوءِ جيڪڏهن منزل تائين نہ بہ پهچي سگهو تڏهن بہ توهان ڪامياب آهيو. اسان جي دين ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی وٽ عملن جو دارو مدار نيتن تي هوندو آهي. جيڪو ماڻهو پنهنجي گهران هجرت جي نيت سان مديني ڏانهن نڪتو تہ پوءِ پلي هو مديني پهچي سگهيو هجي يا نہ پهچي سگهيو هجي، هو مهاجر آهي. سورة النساء ۾ فرمايو ويو آهي تہ جيڪو انسان هجرت جي نيت سان گهر مان نڪري آيو ۽ رستي ۾ ئي ان کي موت اچي وئي تہ ان جو اجر الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی وٽ ثابت ٿي ويو:

﴿وَمَنْ يَّخْرُجْ مِنْۢ بَيْتِهٖ مُهَاجِرًا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ثُمَّ يُدْرِكْهُ الْمَوْتُ فَقَدْ وَقَعَ اَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ﴾ (النساء[4]: 100)

سو جيڪو بہ شروعات ڪري ان جو اجر محفوظ آهي. هاڻي رهيو هي سوال تہ ڪيستائين پهچي سگهنداسين؟ ان جي ڪا خبر نہ آهي. شهيدين رحمهما الله جي تحريڪ جڏهن تہ دنيا جي اعتبار کان ناڪام ٿي وئي ۽ اُهي رت ۾ مٽيءَ ۾ ملي ويا پر اُهي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَى وٽ فلاح حاصل ڪندا. جيڪڏهن دنيا جي لحاظ کان بہ هي تحريڪ ڪامياب ٿي وڃي ها تہ پورو برِ عظيم پاڪ و هند ”دار الاسلام“ ٿي وڃي ها. جيڪڏهن نہ تہ هي ٽڪڙو جيڪو پاڪستان سڏجي ٿو، ضرور دار الاسلام ٿي وڃي ها. شايد توهان کي خبر نہ هجي تہ هن تحريڪ جي ناڪاميءَ ۾ اصل هٿ ڪنهنجو هو! سِکن جون تلوارون ان تحريڪ کي ختم نٿي ڪري سگهيون، خود پنهنجن ماڻهن جي غداريءَ ان کي ختم ڪيو هو.

هڪ مؤمن ماڻهوءَ جو اصل مقصد ۽ نصب العين الله تَبَارَكَ وَتَعَالَى جي رضا ۽ آخرت جي حساب ڪتاب ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ آهي. ان نصب العين کي حاصل ڪرڻ لاءِ قرآن حڪيم ۽ سنت رسول على صاحبها الصلوٰة والسلام مان اسان کي اسان جي دين جي فرض جو هڪ مڪمل خاڪو ملي ٿو جيڪو ٽن جامع ترين اصطلاحن جي حوالي سان اسان جي سامهون اچي ويو آهي يعني عبادتِ ربّ، شهادت علیٰ الناس، ۽ اقامت دين. انهن جا لوازم بہ ڪنهن حد تائين تفصيل سان بيان ٿي ويا آهن جن ۾ تمام اهم لوازم جهاد في سبيل الله، التزامِ جماعت ۽ بيعت سمع و طاعت آهن. الله تَبَارَكَ وَتَعَالَى اسان کي توفيق ڏئي جو اسين انهن دين جي فرض کي ادا ڪرڻ جو پختو ارادو پنهنجين دلين ۾ پيدا ڪريون ۽ پوءِ ان ارادي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ اڳتي قدم وڌايون.

وَمَا توفيقِي اِلَّا بالله العليِّ العظيم

اَقُوْلُ قَوْلِیْ هٰذَا وَاسْتَغْفِرُ اللهَ لِیْ وَلَكُمْ وَلِسَائِرِ الْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ وَآخِرُ دَعْوَانَا اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ

❀❀❀

عَنْ فُضَالَةَ بْنِ عُبَيْدٍ رضي الله عنه قَالَ
سَمِعْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ صلى الله عليه وسلم يَقُوْلُ
اَلْاِسْلَامُ ثَلَاثَةُ اَبْيَاتٍ: سُفْلٰى وَعُلْيَا وَغُرْفَةٍ. اَمَّا السُّفْلٰى فَالْاِسْلَامُ، دَخَلَ عَلَيْهِ عَامَّةُ الْمُسْلِمِيْنَ فَلَا يُسْأَلُ اَحَدٌ مِّنْهُمْ اِلَّا قَالَ اَنَا مُسْلِمٌ، وَاَمَّا الْعُلْيَا فَتَفَاضُلُ اَعْمَالِهِمْ، بَعْضُ الْمُسْلِمِيْنَ اَفْضَلُ مِنْ بَعْضٍ وَاَمَّا الْغُرْفَةُ الْعُلْيَا فَالْجِهَادُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ، لَا يَنَالُهَا اِلَّا اَفْضَلُهُمْ

”حضرت فضالہ بن عبيد رضي الله عنه کان مروي آهي تہ مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کي هي فرمائيندي ٻڌو تہ: اسلام ٽن منزلن وارو مڪان آهي: هيٺين منزل، ان کان مٿين منزل ۽ سڀني کان اعلىٰ منزل. سڀني کان هيٺين منزل اسلام ۾ داخل ٿيڻ (يعني ڪلمو پڙهڻ) آهي. اُن منزل ۾ عام مسلمان داخل آهن. پوءِ تون جنهن کان سوال ڪندين تہ ڪير آهين؟ (يعني مسلمان آهين يا ڪافر) تہ هو جواب ۾ چوندو تہ آئون مسلمان آهيان. ان کان مٿين منزل عمل جي برتري آهي، بعض مسلمان بعض کان عمل جي لحاظ کان برتر (فضيلت وارا) آهن. ۽ سڀني کان اعلىٰ منزل الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ آهي، ان مقام تائين ڪوبہ نٿو پهچي سگهي سواءِ اُن جي جيڪو سڀني مسلمانن مان افضل هجي.“ (معجم الكبير للطبراني)

﴿إِنَّ الدِّينَ عِندَ اللَّهِ الْإِسْلَامُ﴾

# دين اسلام جو جامع تصور

تنظيم اسلامي جو شايع ڪيل انتهائي اهم فڪري
ڪتاب ”دين اسلام کا جامع تصور“ جو سنڌي ترجمو

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

## اسلام ڇا آهي، دين يا مذهب؟

الحمد لله! اسين اسلام جا پيرو آهيون ۽ ان سان تعلق کي پنهنجي لاء خوش نصيبي سمجهون ٿا. البت اسان مان اڪثر ماڻهن کي اها خبر ئي ڪونهي تہ اسلام جو مفهوم ڇا آهي ۽ ان سان تعلق جا ڪهڙا ڪهڙا تقاضا آهن؟ ان حوالي سان بنيادي ۽ اهم ترين ڳالهہ جيڪا اسان کي واضح هجڻ گهرجي اُها هيء آهي تہ: ڇا اسلام دين آهي يا هڪ عام مفهوم ۾ مذهب آهي؟ اِن سوال جو جواب ئي اِهو ٻڌائيندو تہ اسلام جا هڪ مسلمان کان ڪهڙا ڪهڙا عملي تقاضا ۽ مطالبا آهن.

## دين جو مفهوم:

لفظ "دين" د ى ن جي مادي مان نهيو آهي. جنهن جو لغوي مفهوم آهي: بدلو يعني جزا و سزا. ﴿مٰلِكِ يَوۡمِ الدِّيۡنِ﴾ جو ترجمو آهي: "بدلي جي ڏينهن جو مالڪ". انهيء جزا ۽ سزا جي بنيادي تصور جي ڪري عربي ٻوليءَ ۾ لفظ "دين" جي مفهوم ۾ تمام گهڻي وسعت پيدا ٿئي ٿي. جزا ۽ سزا ڪنهن قاعدي ۽ قانون تحت ئي ٿيندي آهي. انهيء ڪري سورة يوسف ۽ سورة النور ۾ دين جو لفظ قانون جي معنىٰ ۾ آيو آهي.

﴿مَا كَانَ لِيَاۡخُذَ اَخَاهُ فِىۡ دِيۡنِ الۡمَلِكِ﴾ (يوسف[12]: 76)

"هُن (يوسف عليه السلام)کي اهو اختيار نہ هو، جو بادشاهہ جي قانون موجب پنهنجي ڀاءُ کي روڪي سگهي."

﴿اَلزَّانِيَةُ وَالزَّانِىۡ فَاجۡلِدُوۡا كُلَّ وَاحِدٍ مِّنۡهُمَا مِائَةَ جَلۡدَةٍ ۖ وَّلَا تَاۡخُذۡكُمۡ بِهِمَا رَاۡفَةٌ فِىۡ دِيۡنِ اللّٰهِ﴾ (النور[24]: 2)

"زاني عورت ۽ زاني مرد ٻنهي مان هر هڪ کي سؤ سؤ ڪوڙا هڻو ۽ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي هن قانون جي نفاذ ۾ اوهان کي مٿن ڪجهہ بہ ترس يا لحاظ نہ ڪرڻ گهرجي"

قانون ۽ ضابطو ڪنهن نظام جي تحت نهندو آهي. ان ڪري لفظ دين قرآن مجيد ۾ ”نظام“ جي معنىٰ ۾ به آيو آهي. سورة المؤمن ۾ فرعون جو پنهنجي قوم سان خطاب ڪندي قول نقل ٿيو آهي ته:

﴿إِنِّيٓ أَخَافُ أَن يُبَدِّلَ دِينَكُمۡ﴾ (المؤمن/ الغافر[40]: 26)

”مونکي ڊپ آهي ته هُو (موسىٰ عليه السلام) توهان جي نظام کي بدلائي ڇڏيندو “

هيٺ ڏنل قرآني آيتن ۾ به دين جو لفظ نظام لاء آيو آهي:

﴿وَيَكُونَ ٱلدِّينُ كُلُّهُۥ لِلَّهِ﴾ (الانفال[8]: 39)

”۽ نظام پوري جو پورو الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي لاءِ ٿي وڃي“

﴿لِيُظۡهِرَهُۥ عَلَى ٱلدِّينِ كُلِّهِۦ﴾ (التوبة[9]: 33،الفتح[48]: 28، الصّف[61]: 9)

”ته جيئن رسول الله ﷺ جن أن (دينِ حق) کي پوري نظامِ زندگيءَ تي غالب ڪري ڇڏين“

﴿وَلَيُمَكِّنَنَّ لَهُمۡ دِينَهُمُ ٱلَّذِي ٱرۡتَضَىٰ لَهُمۡ﴾ (النور[24]: 55)

”ته جيئن الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ أنهن جي لاء أن نظام کي قائم ڪري ڇڏي جيڪو الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ انهن لاء پسند ڪيو آهي“

نظام اهو ئي مڃيو ويندو آهي جنهن جو نفاذ هجي ۽ ان جي اطاعت ڪئي ويندي هجي. تنهنڪري قرآن مجيد ۾ دين جو لفظ اطاعت جي معنىٰ ۾ به آيو آهي:

﴿وَلَهُ ٱلدِّينُ وَاصِبًا﴾ (النحل[16]: 52)

” ۽ انهيءَ ئي لاءِ اطاعت آهي هميشه جي لاءِ “

﴿أَلَا لِلَّهِ ٱلدِّينُ ٱلۡخَالِصُ﴾ (الزمر[39]: 3)

” خبردار! خالص اطاعت الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي لاءِ ئي آهي“

﴿وَمَآ اُمِرُوْٓا اِلَّا لِيَعْبُدُوا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۵ۙ حُنَفَآءَ وَيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوا الزَّكٰوةَ وَذٰلِكَ دِيْنُ الْقَيِّمَةِ﴾ (البينه[98]: 5)

”۽ انهن کي ته اهوئي حڪم ڏنو ويو هو ته، الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جي بندگي ڪن، ان لاءِ پنهنجي اطاعت کي خالص ڪري، بلڪل يَڪ سُو (هڪ طرفو) ٿي، ۽ نماز قائم ڪن ۽ زڪوات ڏين.“

مٿين آيتن جي مفهومن کي جمع ڪرڻ سان لفظ دين جو اصطلاحي مفهوم ٿيندو ”مڪمل نظامِ اطاعت“. سورة يوسف ۾ لفظ دين اهڙي نظامِ زندگيءَ جي لاءِ آيو آهي جنهن ۾ صرف ۽ صرف الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جي ئي بندگي ڪئي وڃي:

﴿اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ اَمَرَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ﴾ (يوسف[12]: 40)

”حڪم ڏيڻ جو اختيار فقط خاص الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جي لاءِ ئي آهي. ان ته حڪم ڏنو آهي ته ان کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي بندگي نه ڪريو. اهو ئي سڌو دين آهي.“

جڏهن ته دين مان مراد اهو نظامِ حيات آهي جيڪو زندگيءَ جي سڀني معاملن ۾ رهنمائيءَ جي لاءِ قانون ۽ قاعدا واضح ڪري ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ بدلي يعني جزا ۽ سزا جو تعين ڪري ۽ پوءِ انهن قانونن جي اطاعت ۽ پابنديءَ جو مطالبو ڪري. عملي طور تي اڄ دنيا ۾ مختلف نظامِ اطاعت قائم آهن. مثال طور:

- **دينِ جمهور:** هي اهڙو نظام آهي جنهن ۾ قانون سازي جو اختيار عوام جي چونڊيل نمائندن کي ڏئي، انهن جي ناهيل قانون تي عمل ڪيو ويندو آهي. اهڙي نظام کي ”دينِ جمهور“ يعني جمهوري نظام چيو ويندو آهي.
- **دين الملڪ:** يعني بادشاهت. هي اهڙو نظام آهي جنهن ۾ بادشاهه کي قانون ساز مڃي ان جي اطاعت ڪئي ويندي آهي.

- **دين الله:** هي اهڙو نظام آهي جنهن ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی کي قانون ساز مڃي ان جي ڏنل قانونن کي نافذ ڪيو ويندو آهي. اهڙي نظام کي ”دين الله“ يا ”اسلام“ چيو ويندو آهي.

## الله تبارك وتعالیٰ وٽ دين صرف اسلام آهي:

الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی وٽ صرف اسلام ئي دين آهي جو تہ صرف اسلام ئي اُهو مڪمل ضابطِ حيات آهي جيڪو انساني زندگيءَ جي سيني گوشن (معاملن/ پاسن/ پهلوئن) جي باري ۾ رهنمائي ڪري ٿو:

﴿إِنَّ الدِّينَ عِنْدَ اللّٰهِ الْإِسْلَامُ﴾ (آل عمران[3]: 19)

” بيشڪ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی وٽ دين تہ اسلام ئي آهي “

﴿اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا﴾ (المائدة[5] : 3)

”اڄ مون توهان جي لاءِ توهان جو دين مڪمل ڪري ڇڏيو ۽ توهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪري ڇڏي ۽ توهان جي لاءِ اسلام کي (بطور) دين پسند ڪري ڇڏيو.“

## اسلام جو مفهوم:

اسلام جو مفهوم آهي ڪنڌ جهڪائڻ، سر تسليم خم ڪرڻ، فرمانبرداري اختيار ڪرڻ، حوالي ڪري ڇڏڻ، To Submit, To Surrender

﴿وَمَنْ اَحْسَنُ دِيْنًا مِّمَّنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ وَّاتَّبَعَ مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ؕ وَاتَّخَذَ اللّٰهُ اِبْرٰهِيْمَ خَلِيْلًا﴾ (النساء[4]: 125)

”۽ انهيءَ ماڻهو کان بهتر دين ڪنهن جو ٿي سگهي ٿو جنهن پنهنجي چهري کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی جي لاءِ جهُڪايو ۽ هو نيڪو ڪار بہ آهي ۽ اُن ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي طريقي جي پيروي ڪئي جيڪو هڪ طرفو (يَڪ سُو) هو. ۽ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي تہ پنهنجو دوست بڻايو هو.“

﴿اِذْ قَالَ لَهٗ رَبُّهٗٓ اَسْلِمْ ۙ قَالَ اَسْلَمْتُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ﴾ (البقرة[2]: 131)

”جڏهن ابراهيم عليه السلام کي سندس رب حڪم ڏنو ته: منهنجي فرمانبرداري ڪر، چيائين ته مون جهانن جي رب جي فرمانبرداري قبول ڪئي.“

## صرف اسلام ئي دين ڇو آهي ؟

اسلام کان سواءِ ٻين سڀني الهامي نظرين جون تعليمات اڌپوريون آهن. تنهنڪري اسلام جي تعليمات کان سواء ڪنهن ٻئي الهامي نظريي تحت الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي مڪمل اطاعت نٿي ٿي سگهي. صرف اسلام ئي آهي جيڪو انساني زندگيء جي انفرادي ۽ اجتماعي ٻنهي گوشن جي لاء هدايتون ۽ رهنمائي مهيا ڪري ٿو. ائين چئجي ته اسلام دين يعني مڪمل ضابط حيات (A Complete System Of Life) آهي جڏهن ته ٻين الهامي تصورن جي موجوده صورت مغربي تصورِ مذهب جي مطابق مذهبن (Religions) جي آهي. عيسائيت ۽ يهوديت ٻه پنهنجي پنهنجي دؤر جي اعتبار سان دين هئا پر موجوده صورت ۾ نه صرف غير محفوظ ۽ تبديل ٿيل آهن بلڪ بلڪل ئي بگڙيل حالت ۾ موجود آهن. عيسائين ته سينٽ پال جي سازش سان شريعت کي ساقط ڪري ڇڏيو. واحد هڪ اسلام ئي آهي جيڪو انساني زندگيءَ جي انفرادي ۽ اجتماعي يعني سڀني گوشن جي متعلق رهنمائي مهيا ڪري ٿو. جڏهن ته ٻيا مذهب انسان کي فقط انفرادي زندگيء جي گوشن ۾ تعليمات ڏين ٿا. ايسيتائين جو ڪنهن مذهب جي ڪتاب جو اصل متن ٻه محفوظ نه آهي. انهيءَ ڪري ئي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ خبردار ڪيو ته:

﴿وَمَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ ۚ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ﴾ (آلِ عمران[3]: 85)

”۽ جيڪو اسلام کانسواءِ ڪو ٻيو دين گهرندو ته اُهو ڪائنس هرگز قبول نه ڪيو ويندو، ۽ اُهو آخرت ۾ نقصان وارن مان هوندو.“

## ⭐ انفرادي معاملن ۾ اسلام جون هدايتون:

انسان جي انفرادي زندگيءَ جي متعلق گوشن جي لاءِ اسلام جون هدايتون هيٺ ڏجن ٿيون:

1) **عقيدو:** عقيدي جي حوالي سان اسلام تفصيلي هدايتون ڏنيون آهن. انهن مان ٽي بنيادي عقيدا آهن يعني توحيد، رسالت ۽ آخرت.

2) **عبادتون:** اسلام ۾ جيڪي عبادتون، بندَن (انسانن) تي ڪجهه شرطن سان فرض ڪيون ويون آهن، اُهي چار آهن يعني نماز، زڪوات، روزو ۽ حج.

3) **رسمون:** ڏک سُک جي موقعن جي حوالي سان اسلام ۾ رسمن جي تفصيل بيان ڪئي وئي آهي. انهن ۾ اهم رسمون عقيقو، شادي، ۽ ڪفن دفن جو رسمون وغيره آهن.

## ⭐ اجتماعي معاملن ۾ اسلام جون هدايتون:

انسان جي زندگيءَ جي ٽن بنيادي اجتماعي گوشن يعني سياست، معيشت ۽ معاشرت جي حوالي سان اسلام جو هدايتون هيٺ ڏجن ٿيون:

1) **سياست:** حاڪم الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ آهي ۽ بندن جي لاءِ خلافت آهي. مطلب تہ انسانن ڪي انسان پنهنجو محڪوم ۽ غلام نٿو بڻائي سگهي.

﴿اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ﴾ (يوسف[12]: 40)

”حڪم ڏيڻ جو اختيار فقط خاص الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي لاءِ ئي آهي.“

سروری زیبا فقط اُس ذاتِ بے ہمتا کو ہے
حکمراں ہے اک وہی باقی بتانِ آزری

2) **معيشت:** مالڪ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ آهي. ۽ بندن جي لاءِ امانت آهي. جاگيردار/ سرمايادار غريبن جو رت نٿا چوسي سگهن.

3) **معاشرت:** خالق الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ آهي ۽ بندن جي لاء مساوات آهي. سڀ انسان برابر آهن. ۽ هر هڪ جي جان، مال ۽ عزت برابر محترم آهي.

الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ کي حاڪم، مالڪ ۽ خالق مڃڻ ۽ بندن جي لاء خلافت، امانت ۽ مساوات تسليم ڪرڻ دراصل اجتماعي زندگيءَ ۾ توحيد جي عقيدي جا لازمي نتيجا آهن. پر اڄ صورت حال هيءَ آهي تہ:

زندہ قوت تھی جہاں میں یہی توحید کبھی
آج کیا ہے؟ فقط اِک مسئلۂ علمِ کلام!

## مذهب جو مفهوم:

لفظ ”مذهب“ ذ ه ب جي مادي مان نهيو آهي. ان جو لغوي مفهوم آهي ”وڃڻ جي جاء“ يعني رستو، روش، طريقو، پناهہ جي جاء. اهڙن حڪمن جو مجموعو جن کي مڃڻ ۽ اختيار ڪرڻ انسان جي لاء ذهني اعتبار کان پناهہ گاهہ آهي. هي اُهي حڪم آهن جن کي هو پنهنجي ذات يا ڪائنات جي باري ۾ ڪجهہ فطري سوالن جي جوابن سبب يا ماحول جي اثر هيٺ قبول ۽ اختيار ڪرڻ تي مجبور هوندو آهي. مثال طور هر انسان جي اندر هڪ فطري تقاضو آهي تہ ڪنهن ذات کي هو پنهنجو آئيڊيل (Ideal) بڻائي، نفعي ۽ نقصان کي ان ڏانهن منصوب ڪري يعني ڪنهن هستيءَ جي وڏي هجڻ جو عقيدو اختيار ڪري. پوءِ عقيدي جي حساب سان جنهن کي وڏو مڃيو اٿس اُن جي پرستش ڪري يعني عبادتون ڪري. اهڙيءَ طرح خوشي ۽ غميءَ جي موقعن تي ڪجهہ رسمون پوريون ڪري پنهنجي فطرت جي تسڪين ڪري. مطلب تہ اصطلاحي طور تي عقيدن، عبادتن ۽ رسمن جي مجموعي کي مذهب چيو ويندو آهي.

قرآن مجيد ۽ حديث مبارڪن ۾ اسلام جي لاءِ مذهب جي نہ بلڪ ”دين“ جي اصطلاح استعمال ٿي آهي. البت اسان جي تاريخ جي شروعاتي دؤر ۾ مذهب جي اصطلاح دين جي هم معنیٰ جي طور تي وسيع مفهوم ۾ استعمال ٿيندي رهي. هيءَ اصطلاح فقهي مسلڪن جي لاءِ استعمال ڪئي ويندي هئي. مثال طور مذهب حنفي، مذهب

شافعي وغيره. مسلڪ ۾ انفرادي ۽ اجتماعي ٻنهي اعتبارن سان قانون ۽ قاعدا موجود آهن. مغربي تصورن جي لحاظ کان جڏهن لفظ Religion جو ترجمو ”مذهب“ ڪيو ويو ته ان سان هن اصطلاح جو مفهوم محدود ٿي ويو. هاڻ ان جو تعلق هر انسان جي انفرادي زندگيءَ سان سمجهيو ويندو آهي ۽ هي فقط ٿن ئي معاملن متعلق بحث ڪندو آهي يعني عقيدو، رسمون ۽ عبادتون. اهلِ مغرب جي ته مجبوري هئي جو هو مذهب کي صرف انفرادي زندگيءَ تائين محدود سمجهن. ان ڪري جو انهن جي مذهب يعني عيسائيت ۾ اجتماعي زندگيءَ جي لاءِ ڪا رهنمائي موجود ئي ڪونه آهي.

## اسلام جي حوالي سان اسان جو رويو:

اسان جي اڪثريت به مغربي تصورن جي اثر هيٺ دينِ اسلام کي دين نه بلڪ عام مفهوم ۾ مذهب سمجهي ٿي. اسان جي اڪثريت انفرادي سطح تي ڪجهه مذهبي رسمن ۽ عبادتن تي عمل ڪري مطمئن آهي. اسلام جي سيني انفرادي ۽ اجتمائي تعليمات تي عمل يعني ”اسلام ۾ پوري جا پورا داخل ٿي وڃو“ (البقرة2: 208) واري قرآني حڪم کي وساري ويني آهي. اسلام کي بحيثيت ”دين“ مغلوب هجڻ تي انهن کي ڪوبه ڏک نه آهي. علامه اقبال هن صورت حال تي هيئن چيو:

وائے ناکامی متاعِ کارواں جاتا رہا
کارواں کے دل سے احساسِ زیاں جاتا رہا

ہوئی دین و دولت میں جس دم جدائی
ہوس کی امیری، ہوس کی وزیری

جلال بادشاہی ہو کہ جمہوری تماشا ہو
جدا ہو دیں سیاست سے تو رہ جاتی ہے چنگیزی

## اسلام ڪيئن ”مذهب“ ٿي ويو؟:

- گھٽي عرصي کان هلندڙ خانداني ملوڪيت جي نظام جو تقدس ۽ دٻدٻو اهڙيءَ طرح ماڻهن تي اثر انداز ٿيو جو هُو انتهائي سادي ۽ عدل واري خلافت جي نظام کي ذهني طور قبول نہ ڪري سگھيا. عوام بادشاهن کي شان شوڪت ۽ ڌوم ڌام سان ڏسڻ جي عادي هئي. خليفن جو غريبن وارو زندگيءَ جو انداز ۽ تڪلف کان پاڪ حڪومت جو انداز رائج نہ ٿي سگھيو ۽ واپس ملوڪيت جو غلبو ٿي ويو.
- حڪمرانن ۽ دنيادار مذهبي اڳواڻن پنهنجن مفادن جي حفاظت جي خاطر اتحاد ڪيو ۽ واپس اهو ئي ملوڪيت ۽ جاگيرداري نظام قائم ٿي ويو جنهن کي مذهبي اڳواڻن جائز هجڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏنو.
- بادشاهن سازش سان ظلم ۽ استحصال جي خلاف عوام جي جذبات کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ قرآن جي جاءِ تي ٻين علمن جي حوصلا افزائي ڪئي. ڇو جو قرآن تہ ظلم ۽ جبر جي خلاف سامهون ٿي بيهڻ جي زوردار تلقين ڪري ٿو. پوءِ جنهن بہ عدل ۽ حق جو آواز بلند ڪيو، حڪمرانن ان کي سختيءَ سان ڪُچلي (چيپاڻي) ڇڏيو.
- آهستي آهستي مسلمانن ۾ دين جي وحدت ختم ٿي وئي، سياست ۽ دين جدا ٿي ويا ۽ ٽن جزن تي مشتمل تثليث وجود ۾ اچي وئي:
  1) بادشاهہ ۽ جاگيردار ”سياسي امام“ ٿي ويا.
  2) عالم سڳورا ”فقهي امام“ ٿي ويا.
  3) صوفي ”روحاني امام“ ٿي ويا.

خلافتِ راشده تائين دين جي وحدت برقرار هئي يعني سياسي، فقهي ۽ روحاني امامت خليفن وٽ ئي هئي پر ان کان پوءِ اسان دين جي وحدت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي هن حڪم جي خلاف ورزي ڪئي تہ:

﴿وَلَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۝ مِنَ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا ؕ
كُلُّ حِزْبٍۭ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ﴾ (الروم30: 31-32)

”۽ شرڪ ڪرڻ وارن مان نہ ٿيو يعني انهن مان جن پنهنجي دين کي ڏار ڏار ڪري ڇڏيو ۽ ٽوليون ٽوليون ٿي ويا. هر ٽولي وٽ جيڪو آهي (اُن تي اُهي) خوش آهن.“

- اهلِ دين صرف اهلِ مذهب ٿي ويا، عالمن جو ڪم رڳو درس و تدريس، تصنيف و تاليف ۽ خطيب، مفتي ۽ قاضين کي تيار ڪرڻ ٿي ويو. صوفين جو ڪم صرف تزڪيہ نفس رهجي ويو. ٻاهر نڪري باطل جي خلاف اعلانِ جهاد ۽ ڪشمڪش جو معاملو تہ ختم ٿي ٿي ويو.
- ان کان پوءِ جڏهن اِنهن طبقن ۾ دنياداري ۽ بگاڙ تمام گهڻو وڌي ويو تہ هڪ تابعي ”عبد الله بن مبارڪ رحمة الله عليه“ کي چوڻو پيو:

هَلْ اَفْسَدَ الدِّيْنَ اِلَّا الْمُلُوْكُ
وَ اَحْبَارُ سَوْءٍ وَ رُهْبَانُهَا

”دين ۾ بگاڙ فقط بادشاهن ۽ برن عالمن ۽ صوفين پيدا ڪيو.“

اقبال هن صورت حال تي ڪجهه هيئن چيو:

باقی نہ رہی تیری وہ آئینہ ضمیری
اے کشتۂ مُلائی و سلطانی و پیری

- شروعات ۾ رجالِ دين کي مجبوريءَ ۾ پنهنجيون سرگرميون صرف مذهبي معاملن تائين محدود ڪرڻيون پيون پر آهستي آهستي اهو تصور ئي محدود ٿي ويو ۽ مذهبي سرگرمين کي ئي مڪمل دين سمجهڻ لڳو.
- اڄ اسلام جي هن محدود تصور جا محافظ زياده تر عالم ۽ انهن جي اثر هيٺ ڪم ڪرڻ واريون تحريڪون آهن. اهڙا علماءِ حق بہ

موجود آهن جيڪي اسلام جي همہ گير (مڪمل) تصور کي بيان ڪري ان جي مطابق عمل ۽ ان جي اجتماعي حڪمن جي نفاذ جي لاءِ جدوجهد جي دعوت ڏيندا آهن البت اُهي شاذ و نادر ئي نظر اچن ٿا.

- اڪثر حڪومتون بہ محدود مذهبي تصور وارن ڪمن جي پنيرائي ڪن ٿيون ڇو جو اهي ڪمَ عوام کي اُنهن جي عياشين ۽ لٽ مار جي خلاف جدوجهد ڪرڻ کان غافل ڪري بين سرگرمين ۾ مصروف ڪري ڇڏيندا آهن.
- محدود مذهبي تصور، سيڪيولرزم (Secularism) جي هن تصور سان نہ صرف مطابقت رکي ٿو بلڪ ان جي لاء معاون بہ آهي تہ: ”مذهب جو تعلق صرف انفرادي زندگيءَ سان آهي، اجتماعي معاملا ان جي دائري ۾ نٿا اچن.“ اهو ئي سبب آهي جو محدود مذهبي تصور وارن ڪمن جي پنيرائي عالمي سطح تي ٿي رهي آهي.

## اڄ جي صورت حال ڇا آهي؟

الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى وٽ دين تہ صرف اسلام ئي آهي. پر هن وقت دنيا ۾ غالب تصور سيڪيولرزم جو آهي. ان جي تحت انفرادي زندگيءَ ۾ مختلف مذهبن تي عمل ڪري سگهجي ٿو. پر اجتماعي زندگيءَ ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي حڪمن کي رهنمائي جو ذريعو نٿو بڻائي سگهجي. اجتماعي معاملن کي عوام جي اڪثريت جي راءِ سان طي ڪيو ويجي ٿو. ڇڻ تہ:

- سيڪيولرزم هڪ پاسي پوري طرح مذهبيت آهي تہ ٻئي پاسي لادينيت آهي! سيني مذهبن تي تہ عمل ٿي سگهي ٿو پر سيڪيولرزم ڪنهن الهامي دين کي برداشت ڪرڻ لاء تيار نہ آهي. انفرادي زندگيءَ ۾ الهامي تعليمات تي عمل ڪرڻ ممڪن آهي پر اجتماعي زندگيءَ ۾ الهامي حڪمن کي قبول نٿو ڪيو وڃي.

- سيڪيولرزم انساني تاريخ ۾ انسانن جي الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی سان بدترين بغاوت آهي جنهن ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی جي وڏائي ۽ علمبرداريءَ کي عبادت خانن تائين محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.
- سيڪيولرزم صرف ۽ صرف اسلام جو ضد آهي. اسلام کان علاوه بيا الهامي تصور فقط مذهب آهن جن وٽ اجتماعي معاملن جي حوالي سان ڪا بہ رهنمائي آهي ئي ڪونہ. تنهنڪري انهن کي سيڪيولرزم سان ڪو بہ فرق نہ ٿو پوي. هڪڙي رياست ۾ هڪ ئي وقت ڪيترن ئي مذهبن تي عمل ٿي سگهي ٿو پر اجتماعي نظام هڪ ئي هوندو ۽ اهو يا تہ ”اسلام“ جي صورت ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی جو عطا ڪيل نظام هوندو يا وري انسانن جو ٺاهيل نظام هوندو. جڏهن تہ سيڪيولرزم سان اصل نقصان اسلام جو ئي ٿئي ٿو.

سيڪيولرزم جو تصور حقيقت ۾ يهودين جو ئي ٺاهيل آهي. انهن کي خبر آهي تہ جيڪڏهن رياست جي اجتماعي معاملن ۾ مذهب جو عمل ۽ دخل ٿيو تہ هُو پنهنجي ٿورڙي تعداد جي ڪري پنيان رهجي ويندا. رياستن ۾ پنهنجي نيڪيداري قائم ڪرڻ ۽ ٻين قومن جي شاهہ رڳ کي پنهنجي چنبن ۾ قابو ڪرڻ لاءِ انهن سيڪيولرزم جي تصور کي پکيڙيو آهي.

## مذهب جي محدود تصور جا نقصان:

محدود مذهبي تصور جي ڪري اسلام تي اڌورو عمل ٿئي ٿو جنهن جي سزا دنيا ۾ خواري ۽ آخرت ۾ شديد عذاب آهي:

﴿اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ ۚ فَمَا جَزَآءُ مَنْ يَّفْعَلُ ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا خِزْيٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يُرَدُّوْنَ اِلٰٓى اَشَدِّ الْعَذَابِ﴾ (البقرة[2]: 85)

”ڇا توهان (اسان جي) ڪتاب جي هڪ حصي کي تہ مڃيو ٿا ۽ هڪ حصي جو انڪار ڪريو ٿا؟ تہ پوءِ توهان مان جيڪو

اها حرڪت ڪندو ان جي سزا ان ڪان سواء ٻي ڇا ٿي سگهي
ٿي جو دنيا جي زندگي ۾ بہ ذليل ۽ خوار ڪيا وڃن ۽ قيامت
جي ڏينهن شديد عذاب ڏانهن موٽايا وڃن!“

## دنيا جو نقصان:

- امت کي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان جوڙي رکڻ وارو مقصد هو ”اقامتِ دين جي جدوجهد“ يعني اجتمائي زندگيء ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي حڪمن ۽ قانونن کي نافذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ. ان مقصد جي حوالي سان الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو حڪم آهي:

﴿اَنۡ اَقِیۡمُوا الدِّیۡنَ وَلَا تَتَفَرَّقُوۡا فِیۡهِ﴾ (الشوریٰ[42]: 13)

”دين کي قائم ڪريو ۽ ان معاملي ۾ جدا جدا نہ ٿيو!“

محدود مذهبي تصور جي ڪري امت کي ڳنڍڻ وارو هي مقصد اکين ڪان پري ٿي ويو آهي ۽ امت جي وحدت ٽٽي پئي آهي.

- اسان جي اڪثر اختلافن جي بنياد مذهبي معاملا هوندا آهن. مذهبي رسمن ۽ عبادتن تي ئي سڄو زور ڏيڻ سان معاملن ۾ تنگ نظري ۽ اختلافن، فرقہ واريت جي صورت اختيار ڪئي ۽ اسين فرقہ واريت جي عذاب ۾ مبتلاء ٿي هڪ ٻئي جي طاقت جو مزو چکي رهيا آهيون:

﴿قُلۡ هُوَ الۡقَادِرُ عَلٰۤى اَنۡ یَّبۡعَثَ عَلَیۡكُمۡ عَذَابًا مِّنۡ فَوۡقِكُمۡ اَوۡ مِنۡ تَحۡتِ اَرۡجُلِكُمۡ اَوۡ یَلۡبِسَكُمۡ شِیَعًا وَّیُذِیۡقَ بَعۡضَكُمۡ بَاۡسَ بَعۡضٍ ؕ اُنۡظُرۡ كَیۡفَ نُصَرِّفُ الۡاٰیٰتِ لَعَلَّهُمۡ یَفۡقَهُوۡنَ﴾ (الانعام[6]: 65)

”اي نبي ﷺ! فرمائي ڇڏيو تہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ ان تي قادر آهي تہ توهان تي عذاب موڪلي (خواه) توهان جي مٿان ڪان يا توهان جي پيرن جي هيٺان ڪان يا توهان کي ٽولا ٽولا ڪري ڇڏي ۽ اوهان کي هڪ ٻئي جي لڙائي جو مزو چکائي.

ڏسو! اسان ڪھڙي طرح آيتون بيان ڪريون ٿا تہ جيئن اُھي سمجھي سگھن.“

## آخرت جو نقصان:

- دين جا ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ يعني ڪجھ حڪمن تي عمل ڪرڻ ۽ ڪجھ حڪمن کي نظر انداز ڪرڻ شرڪ آھي:

﴿وَلَا تَكُونُوا مِنَ الْمُشْرِكِينَ o مِنَ الَّذِينَ فَرَّقُوا دِينَهُمْ وَكَانُوا شِيَعًا ۖ كُلُّ حِزْبٍ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُونَ﴾ (الروم[30]: 31-32)

”۽ شرڪ ڪرڻ وارن مان نہ ٿيو يعني انھن مان جن پنھنجي دين کي ڌار ڌار ڪري ڇڏيو ۽ ٽوليون ٽوليون ٿي ويا. ھر ٽولي وٽ جيڪو آھي (اُن تي اُھي) خوش آھن.“

شرڪ ھڪ اھڙو جرم آھي جنھن کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ معاف نہ ڪندو سواء ان جي تہ انسان توبھ ڪري پنھنجي اصلاح ڪري ڇڏي:

﴿إِنَّ اللَّهَ لَا يَغْفِرُ أَنْ يُشْرَكَ بِهِ وَيَغْفِرُ مَا دُونَ ذَٰلِكَ لِمَنْ يَشَاءُ ۚ وَمَنْ يُشْرِكْ بِاللَّهِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلَالًا بَعِيدًا﴾ (النساء[4]: 116)

”الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ اھو گناھ نہ بخشيندو جو ڪنھن کي سندس شريڪ بڻايو وڃي ۽ ان کانسواءِ ٻيو گناھ جنھن کي وٽيس تنھن کي بخشي ٿو ۽ جنھن بہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ سان ڪنھن کي شريڪ ڪيو، اھو تہ گمراھيءَ ۾ تمام پري وڃي نڪتو.“

- دين جا ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ وارن سان الله جي رسول ﷺ جو ڪوبہ تعلق ڪونھي:

﴿إِنَّ الَّذِينَ فَرَّقُوا دِينَهُمْ وَكَانُوا شِيَعًا لَسْتَ مِنْهُمْ فِي شَيْءٍ ۚ إِنَّمَا أَمْرُهُمْ إِلَى اللَّهِ ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوا يَفْعَلُونَ﴾ (الانعام[6]: 159)

”بيشڪ جن ماڻھن پنھنجي دين ۾ تفرقو وڌو (دين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو) ۽ ٽولا ٽولا ٿي پيا، (اي نبي ﷺ) توھان

جو انهن سان ڪو تعلق ناهي، انهن جو معاملو الله وٽ آهي،
پوءِ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ انهن کي سندن بداعمالي جي سزا ڏيندو.“

انديشو آهي ته اهڙا ماڻهو قيامت جي ڏينهن الله جي رسول ﷺ جن جي شفاعت کان محروم رهندا.

➢ اسلام تي اڻپورو عمل ڪرڻ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ وٽ ناقابل قبول آهي ۽ آخرت ۾ خساري جو سبب آهي. ائين ڪرڻ وارا هدايت کان محروم رهندا آهن ۽ انهن تي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ، فرشتن ۽ سڀني انسانن جي لعنت هوندي آهي:

﴿وَمَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ ۚ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ۝ كَيْفَ يَهْدِي اللّٰهُ قَوْمًا كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ وَشَهِدُوْٓا اَنَّ الرَّسُوْلَ حَقٌّ وَّجَآءَهُمُ الْبَيِّنٰتُ ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۝ اُولٰۗىِٕكَ جَزَاۗؤُهُمْ اَنَّ عَلَيْهِمْ لَعْنَةَ اللّٰهِ وَالْمَلٰۗىِٕكَةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ﴾

(آل عمران[3]: 85 - 87)

”۽ جيڪو اسلام کان سواءِ ٻيو ڪوبه دين گهرندو ته ان کان اهو هرگز قبول نه ڪيو ويندو. ۽ اهو آخرت ۾ نقصان پائڻ وارن مان هوندو. الله اهڙيءَ قوم کي ڪيئن هدايت ڪندو، جيڪي پنهنجي ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪافر ٿيا ۽ انهن هيءَ به شاهدي ڏني هئي ته رسول حق آهي ۽ انهن وٽ ظاهر نشانيون آيون هيون. ۽ الله ظالم قوم کي هدايت نه ٿو ڪري. انهن جي جزا هيءَ آهي ته مٿن الله ۽ ملائڪن ۽ ماڻهن سڀني جي لعنت آهي.“

➢ اسلام جي عدل واري نظام کي نافذ نه ڪرڻ جي ڪري پوري انسان ذات ظلم جو شڪار آهي. هن زيادتيءَ جا ذميدار اسين آهيون تنهنڪري انديشو آهي ته ان جو وبال قيامت جي ڏينهن اسان تي اچي.

## موجوده صورت حال جو حديثن ۾ ذڪر:

➢ موجوده صورت حال جي ڪيتري نه واضح پيشنگوئي (اڳڪٿي) هنن حديثن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪئي آهي:

﴿وَقَالَ النَّبِيُّ ﷺ يُوْشِكُ اَنْ يَّاتِيَ عَلَى النَّاسِ زَمَانٌ لَا يَبْقٰى مِنَ الْاِسْلَامِ اِلَّا اِسْمُهٗ وَلَا يَبْقٰى مِنَ الْقُرْاٰنِ اِلَّا رَسْمُهٗ﴾

(رواه البيهقی فی شعب الايمان، مشکوٰة المصابيح: 276)

”نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته مونکي انديشو آهي ته ماڻهن تي هڪ اهڙو زمانو ايندو جو اسلام ۾ ان جي نالي کان سواءِ باقي ڪجھ به نه رهندو ۽ قرآن ۾ ان جي رسم الخط (لِکائي) کان سواءِ ٻيو ڪجھ به باقي نه رهندو“

﴿بَدَأَ الْاِسْلَامُ غَرِيْبًا وَسَيَعُوْدُ كَمَا بَدَاَ فَطُوْبٰى لِلْغُرَبَاءِ﴾ (مسلم: 372)

”اسلام شروع ۾ ماڻهن لاءِ اجنبي هو ۽ جلدئي وري اهڙي طرح (اجنبي) ٿي ويندو، بس خوشخبري آهي اُن وقت اسلام تي عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ“

## اسان جي لاءِ ڪرڻ جو اصل ڪم:

1) ضرورت ان ڳالھ جي آهي ته اسان دين جو صحيح علم سکون ته جيئن اسلام کي ٻيهر ان جي همه گير (مڪمل) ۽ وسيع تصور سان زنده ڪرڻ جي جدوجهد ۾ شريڪ ٿي سگهون. ارشاد نبوي ﷺ آهي:

﴿مَنْ جَاءَهُ الْمَوْتُ وَهُوَ يَطْلُبُ الْعِلْمَ لِيُحْيِيَ بِهِ الْاِسْلَامَ فَبَيْنَهٗ وَبَيْنَ النَّبِيِّيْنَ دَرَجَةٌ وَّاحِدَةٌ فِي الْجَنَّةِ﴾ (سنن دارمی، مشکوٰة المصابيح: 249)

”جنهن کي موت اچي ان حال ۾ جو هو علم حاصل ڪري رهيو هجي ته جيئن ان سان هو اسلام کي زنده ڪري ته جنت ۾ ان جي ۽ نبين عليهم السلام جي وچ ۾ صرف هڪ درجي جو فرق هوندو“.

اج اسلام بطور مذهب تہ زنده آهي پر بطور دين مغلوب ٿي ويو آهي. دين جي علم ۾ اصل اهميت قرآن حڪيم جي سکڻ ۽ سيکارڻ کي حاصل آهي، تنهنڪري ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ قرآن حڪيم جي سکڻ ۽ سيکارڻ کي اسلام جي غلبي جي لاءِ بنيادي اهميت ڏني وڃي. ارشاد نبوي ﷺ آهي:

﴿إِنَّ اللَّهَ يَرْفَعُ بِهَذَا الْكِتَابِ أَقْوَامًا وَّيَضَعُ بِهِ اٰخَرِيْنَ﴾ (مسلم:1897)

”الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ هن ڪتاب (قرآن پاڪ) ذريعي ڪِن قومن کي عروج بخشيندو آهي ۽ ڪِن کي اُن سان ذليل ۽ رسوا (خوار) ڪندو آهي.“

2) جڏهن هي تصور جاڳندو تہ اسلام مذهب نہ آهي بلڪ ”دين“ آهي تہ لازمًا هيءَ حقيقت واضح ٿيندي تہ دين پنهنجي نوعيت جي اعتبار سان پنهنجو غلبو چاهي ٿو. اهو دين حقيقت ۾ دين ئي نہ آهي جيڪو غالب نہ هجي. هڪڙي معاشري ۾ گڏو گڏ ڪيترن ئي مذهبن تي عمل ٿي سگهي ٿو پر دين صرف ۽ صرف هڪ ئي هوندو. تنهنڪري اسلام يا تہ غالب هوندو يا مغلوب.

3) هاڻي مسلمان دين جي هن مطالبي کي سمجهندا تہ صرف عقيدن، عبادتن ۽ رسمن سان اسلام تي عمل جو حق ادا ڪونہ ٿيندو بلڪ زندگيءَ جي اجتمائي معاملن ۾ بہ اسلام جي حڪمن کي نافذ ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪي اسان کي زندگيءَ جو مقصد ٺاهڻو پوندو:

میری زندگی کا مقصد تیرے دین کی سرفرازی
میں اسی لئے مسلماں میں اسی لئے نمازی

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنَا مِنَ الَّذِيْنَ رَضُوا بِاللّٰهِ رَبًّا وَّ بِالْإِسْلَامِ دِيْنًا وَّ بِمُحَمَّدٍ نَبِيًّا ﷺ (آمين)

# انجمن خدام القرآن

جي قيام جو مقصد

ايمان جي مرڪز .... ۽ .... يقين جي سرچشمي

## قرآن حڪيم

جي علم ۽ حڪمت جي

وسيع پئماني .... ۽ .... اعليٰ علمي سطح

تي تشهير ۽ اشاعت آهي

تہ جيئن مسلمان امت جي سمجهدار طبقي اندر

## تجديدِ ايمان

جي هڪ عمومي تحريڪ اُڀري پوي

۽ اهڙي طرح

اسلام جي ٻيهر احياء ... ۽ ... دينِ حق جي غالب ٿيڻ

جي راهہ هموار ٿي سگهي.

وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ

150245